# قرآن پاڪ

سوالن جوابن ۾

معلومات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوالن جوابن ۾

معلومات

# قرآن پاڪ

مترجم

عبدالسّلام پنهور

ناشر

## ثناء بڪ ايجنسي

نزد لياقت اسڪول چونڪي گهٽي
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڀئي حق ۽ واسطا ناشر وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو ـــــــ معلومات قرآن پاڪ

مترجم ـــــــ عبدالسلام پيٽو

ناشر ـــــــ ثناء بڪ ايجنسي چوڪي گهٽي حيدرآباد

سال ـــــــ ١٩٩١ع

تعداد ـــــــ ١٠٠٠

قيمت ـــــــ ٢١ روپيا

ملڻ جو هنڌ

ثناء بڪ ايجنسي

نزد لياقت اسڪول چوڪي گهٽي

حيدرآباد سنڌ

اسٽاڪسٽ

داتا بڪ سينٽر

ريشم بازار حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| قرآن شريف جو علم | ۷ | سورة هود | ۴۹ |
| سيپارا | ۲۳ | سورة يوسف | ۵۰ |
| سورتون | ۲۶ | سورة الرعد | ۵۲ |
| سورة فاتحه | ۳۶ | سورة ابراهيم | ۵۳ |
| سورة البقرة | ۳۷ | سورة الحجر | ۵۴ |
| سورة آل عمران | ۴۰ | سورة النحل | ۵۵ |
| سورة النسآء | ۴۱ | سورة بني اسرائيل | ۵۶ |
| سورة المائده | ۴۲ | سورة الڪهف | ۵۷ |
| سورة الانعام | ۴۳ | سورة مريم | ۵۸ |
| سورة الاعراف | ۴۴ | سورة طٰهٰ | ۵۹ |
| سورة الانفال | ۴۵ | سورة الانبيآء | ۶۱ |
| سورة توبه | ۴۷ | سورة الحج | ۶۲ |
| سورة يونس | ۴۸ | سورة المؤمنون | ۶۳ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| سورة النور | ۶۴ | سورة الدخان | ۸۶ |
| سورة الفرقان | ۶۵ | سورة الجاثيه | ۸۸ |
| سورة الشعرآء | ۶۶ | سورة الاحقاف | ۸۹ |
| سورة نمل | ۶۸ | سورة محمد | ۹۰ |
| سورة القصص | ۶۹ | سورة الفتح | ۹۱ |
| سورة العنكبوت | ۷۰ | سورة الحجرات | ۹۲ |
| سورة الروم | ۷۱ | سورة قٓ | ۹۳ |
| سورة لقمان | ۷۲ | سورة الذٰريٰت | ۹۴ |
| سورة السجده | ۷۳ | سورة الطور | ۹۵ |
| سورة الاحزاب | ۷۴ | سورة النجم | ۹۶ |
| سورة سبا | ۷۵ | سورة القمر | ۹۷ |
| سورة فاطر | ۷۶ | سورة الرحمان | ۹۸ |
| سورة يٰسٓ | ۷۷ | سورة الواقعه | ۹۹ |
| سورة الصّٰفّٰت | ۷۹ | سورة الحديد | ۱۰۰ |
| سورة صٓ | ۸۰ | سورة المجادله | ۱۰۱ |
| سورة الزّمر | ۸۱ | سورة الحشر | ۱۰۲ |
| سورة مومن | ۸۲ | سورة الممتحنه | ۱۰۳ |
| سورة حٰمٓ سجده | ۸۳ | سورة الصّف | ۱۰۴ |
| سورة الشوریٰ | ۸۴ | سورة الجمعه | ۱۰۵ |
| سورة الزخرف | ۸۵ | سورة المنافقون | ۱۰۶ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| سورة التغابن | ۱۰۷ | سورة الانشقاق | ۱۲۸ |
| سورة الطلاق | ۱۰۸ | سورة البروج | ۱۲۹ |
| سورة التحريم | ۱۰۹ | سورة الطارق | ۱۳۰ |
| سورة الملك | ۱۱۰ | سورة الاعلیٰ | ۱۳۰ |
| سورة القلم | ۱۱۲ | سورة الغاشيه | ۱۳۱ |
| سورة الحآقه | ۱۱۳ | سورة الفجر | ۱۳۲ |
| سورة المعارج | ۱۱۴ | سورة البلد | ۱۳۳ |
| سورة نوح | ۱۱۵ | سورة الشمس | ۱۳۴ |
| سورة الجن | ۱۱۶ | سورة الليل | ۱۳۵ |
| سورة المزمل | ۱۱۷ | سورة الضحیٰ | ۱۳۶ |
| سورة المدثر | ۱۱۸ | سورة الانشراح | ۱۳۷ |
| سورة القيامه | ۱۱۹ | سورة التين | ۱۳۸ |
| سورة الدهر | ۱۲۰ | سورة العلق | ۱۳۹ |
| سورة المرسلات | ۱۲۱ | سورة القدر | ۱۴۰ |
| سورة النباء | ۱۲۲ | سورة البينه | ۱۴۱ |
| سورة النازعات | ۱۲۳ | سورة الزلزال | ۱۴۲ |
| سورة عبس | ۱۲۴ | سورة العاديات | ۱۴۳ |
| سورة التكوير | ۱۲۵ | سورة القارعه | ۱۴۴ |
| سورة الانفطار | ۱۲۶ | سورة التكاثر | ۱۴۵ |
| سورة المطففين | ۱۲۷ | سورة العصر | ۱۴۶ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| سورة الهمزه | ١٤٧ | سورة اللهب | ١٥٤ |
| سورة الفيل | ١٤٨ | سورة اخلاص | ١٥٥ |
| سورة القريش | ١٤٩ | سورة الفلق | ١٥٦ |
| سورة الماعون | ١٥٠ | سورة الناس | ١٥٧ |
| سورة الڪوثر | ١٥١ | قرآن پاڪ جا نالا | ١٥٨ |
| سورة ڪافرون | ١٥٢ | رڪوع، سجدا، آيتون ۽ منزلون | |
| سورة النصر | ١٥٣ | ۽ جاءِ نزول | ١٦٢ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# قرآن شريف جي معلومات

س : لفظ قرآن جي ڇا معنئا آهي؟

ج : گھڻو پڙھجڻ واري شيءِ.

س : قرآن شريف جو آسماني ڪتابن جي لحاظ ۾ ڪھڙو نمبر آهي؟

ج : چوٿون ۽ آخري الهامي ڪتاب آهي.

س : الله تعالیٰ قرآن شريف ڪھڙي پيغمبر تي نازل ڪيو؟

ج : حضرت محمد صلی الله عليه وسلم تي.

س : قرآن شريف پھريون پيرو ڪٿي نازل ٿيو؟

ج : غار حرا ۾

س : قرآن شريف ڪھڙي رات جو لھڻ شروع ٿيو؟

ج : ليلة القدر ۾

س : قرآن شريف پھريون پيرو لھڻ وقت حضور صلعم ڇا جي عبادت ۾ رهيا

ج : الله تعالیٰ جي عبادت ۾ مشغول هئا.

س : لفظ "قرآن" ڪھڙين سورتن ۾ آيو آهي؟

ج : سورة بقره - سورة يونس - سورة بني اسرائيل - سورة طٰه

سورة الفرقان - سورة النحل - سورة روم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : قرآن شريف ڪهڙو ملائڪ الله تعالىٰ وٽان ڪٺي ايندو هو؟

ج : حضرت جبرئيل عليه السلام.

س : لفظ قرآن قرءُ يا قرن مان نڪتل آهي. قرءُ جو ڇا مطلب آهي؟

ج : جمع (ان ۾ سڀئي علم جمع ڪيل آهن).

س : قرآن شريف ڪهڙي مهيني ۽ ڪهڙي تاريخ تي نازل ٿيو؟

ج : رمضان شريف جي ٢٤ تاريخ تي.

س : ڪيتري عرصي ۾ قرآن شريف حضور صلعم تي نازل ٿيو؟

ج : تقريبًا ٢٣ سال (٢٢ سال ۽ ٥ مهينا)

س : قرآن شريف سن عيسوي جي ڪهڙي مهيني ۽ تاريخ تي نازل ٿيو؟

ج : ٦ آگسٽ ٦١٠ع

س : قرآن شريف شروع شروع ۾ ڇا تي لکيو ويندو هو؟

ج : پٿرن، کجي جي وڻن پنن، اُٺ جي هڏين ۽ چمڙي تي.

س : قرآن شريف جو مڪي دور ڪڏهن شروع ٿيو ۽ ڪڏهن ختم ٿيو؟

ج : ١٧ رمضان ١١ سال قبل هجرت کان شروع ٿيو ۽ ١١ ربيع الاول سنه ١ھ تي ختم ٿيو.

س : قرآن شريف جي مدني دور جي شروعات ڪڏهن ٿي؟

ج : ١٢ ربيع الاول سنه ١ھ

س : قرآن شريف جي اها ڪهڙي سورت آهي جنهن جون پنج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آيتون سڀ کان پهرين وحي ۾ نازل ٿيون؟

ج : سورة علق جيڪا ٣٠ سيپاري ۾ آهي.

س : قرآن شريف جي پهرين وحي کان پوءِ ٻي وحي ڪيتري عرصي کان پوءِ آئي؟

ج : ٽن سالن کان پوءِ.

س : قرآن شريف جي ٻي وحي ڪهڙي سورة ۾ نازل ٿي هئي؟

ج : سورة والضحىٰ جيڪا ٣٠ سيپاري ۾ آهي.

س : قرآن شريف جي پهرين وحي جي ڪاتب جو نالو ٻڌايو؟

ج : حضرت خالد بن سعيدؓ

س : قرآن شريف جي پهرين ۽ ٻي وحي جي وچ واري عرصي کي ڇا چيو ويندو آهي؟

ج : زمانهٔ فترات

س : قرآن شريف جي موجوده ترتيب مطابق پهرين سورة ڪهڙي آهي؟

ج : سورة فاتحه.

س : قرآن شريف جي موجوده ترتيب مطابق آخري سورة ڪهڙي آهي؟

ج : سورة الناس

س : قرآن شريف جي ڪهڙي لفظ کي قرآن جو پيش لفظ يا ديباچو چيو ويندو آهي؟

ج : سورة فاتحه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : قرآن شريف جي پهرين سورة جيڪا مڪمل نازل ٿي، ڪهڙي آهي؟

ج : سورة فاتحه.

س : سورة فاتحه کانسواءِ ٻي ڪهڙي سورة مڪمل نازل ٿي؟

ج : سورة نصر

س : قرآن شريف جو مڪي دور چار سؤ ويهن ڏينهن تي مشتمل آهي. ٻڌايو ته ان ۾ هجرت جا ڪيترا ڏينهن شامل آهن؟

ج : ٻارنهن ڏينهن

س : سورة حٰمٓ ۾ قرآن شريف جي ٻاري ۾ ڪهڙي ٻولي جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

ج : هي قرآن عربي ٻولي ۾ آهي.

س : قرآن شريف جي حفاظت جو ذمو ڪنهن کنيو آهي؟

ج : خود الله تعالىٰ (سورة الحجر ۾ آيت ۹ ۾ ان جو ذڪر ٿيل آهي)

س : حضور صلعم جي حڪم تي قرآن شريف جي ڪتابت تي ڪيترا صحابي مامور هئا؟

ج : چاليهه (ڪن جي مطابق پنجٽيهه)

س : خلفاءِ راشدين مان ڪيترا صحابهٔ ڪرام ڪتابت تي مامور هئا؟

ج : ٽي - حضرت ابوبڪرؓ - حضرت عثمانؓ - حضرت عليؓ

س : ڪاتبين وحي مان عشره مبشره جي ڪيتري تعداد هئي؟

ج : چار - (ٽي خليفا ۽ چوٿون حضرت زبير بن العوامؓ)

س : آخري وحي جو ڪاتب ڪير هو ؟

ج : ابي بن ڪعب انصاري (مديني منوره ۾)

س : قريش مان سڀ کان پهرين وحي جو ڪاتب ڪير هو ؟

ج : عبدالله ابن ابي سرح رض

س : ڇا هي صحيح آهي ته قرآن شريف دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهجندڙ ڪتاب آهي ؟

ج : هائو.

س : قرآن شريف ۾ ڪهڙي حڪيم جو ذڪر آيو آهي ؟

ج : لقمان حڪيم جو.

س : قرآن شريف جي حافظن جي گهڻي تعداد ڪهڙي جنگ ۾ شهيد ٿي ؟

ج : جنگ يمامه ۾ (هي جنگ حضرت ابوبڪر رض جي دور ۾ لڙي وئي)

س : قرآن پاڪ جي ان سورة جو نالو ٻڌايو جنهن پڙهي حضرت عمر فاروق رض ايمان آندو.

ج : سورة طٰهٰ

س : قرآن شريف جي ڏاڍيان تلاوت ڪرڻ واري پهرين صحابي جو نالو ٻڌايو ؟

ج : حضرت عبدالله رض بن مسعود.

س : قرآن شريف جي ان سورة جو نالو ٻڌايو جيڪا جنت جي هڪ نهر جي نالي تي آهي ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سورة الکوثر

س: قرآن شريف جي ڪهڙي سورت ۾ ابره جي شڪست جو احوال درج آهي؟

ج: سورة الفيل.

س: قرآن شريف جي ان سورة جو نالو ٻڌايو جيڪا حضور صلعم جي قبيلي جي نالي تي آهي؟

ج: سورة قريش

س: قرآن شريف ۾ لفظ قُلْ سان شروع ٿيندڙ سورتن جا نالا ٻڌايو؟

ج: پنج سورتون (سورة جن - سورة ڪافرون - سورة اخلاص سورة الفلق - سورة الناس)

س: قرآن شريف جي سورة آل عمران جون سٺ آيتون ڪهڙي غزوي جي باري ۾ نازل ٿيون؟

ج: غزوه احد

س: قرآن شريف جي سورة حشر ۾ ڪهڙي غزوي جي باري ۾ واقعا بيان ٿيل آهن؟

ج: غزوه بنو نضير جي

س: قرآن شريف جي انهن ٽن سورتن جا نالا ٻڌايو جن جا نالا صرف ٻن حرفن تي مشتمل آهن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : سورة صف- سورة جن- سورة حج .

س : قرآن شريف جي ان سيپاري جو نالو ٻڌايو جنهن جون سيئي سورتون مڪي آهن؟

ج : ٢٩ هين سيپاري جون .

س : قرآن شريف جي ڪهڙي سيپاري ۾ ٻه سجدا آهن؟

ج : ١٩ هين ۽ ٻيهين سيپاري ۾ .

س : شراب، جوا ۽ بت پرستي جهڙن شيطاني ڪمن متعلق ڪهڙي سيپاري ۽ سورة ۾ ذڪر آيو آهي ؟

ج : سيپارو ستون ۽ سورة مائده جي آيت ٩٠ ۾

س : عورتن جي طلاق جو ذڪر قرآن شريف جي ڪهڙين سورتن ۾ آيو آهي؟

ج : سورة البقرة ۽ سورة الطلاق ۾

س : قرآن شريف جي ڪهڙي سورت ۾ چئن عورتن سان نڪاح ڪرڻ جو ذڪر آيو آهي ؟

ج : سورة النساء ۾

س : حج جو ذڪر قرآن شريف جي ڪهڙي سورة ۾ آيو آهي ؟

ج : سورة البقرة ۾ .

س : قرآن شريف جي ڪهڙي سيپاري ۽ ڪهڙي سورة ۾ وضو جو ذڪر آيو آهي ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : سيپاري ڇهين ۾ سورة مائده ۾ .

س : اصحاب ڪهف جو واقعو ڪهڙي سورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي؟

ج : سورة الڪهف ۾

س : قرآن شريف جي چوٿين سيپاري جي سورة آل عمران جي آيت ١٥٤ ڪي ڇا چيو ويندو آهي؟

ج : آيت قطب.

س : قرآن شريف جي سيپاري ٢٥ جي سورة "الزخرف" جو اردو ترجمو ڇا آهي؟

ج : سون

س : قرآن شريف جي انهن سورتن جي تعداد ٻڌايو جيڪي ٻن ٻن سيپارن ۾ آهن؟

ج : ١٨ سورتون

س : قرآن شريف جي سورة البقرة ٽن سيپارن ۾ آهي. قرآن شريف جي ٻي ڪهڙي سورة ٽن سيپارن ۾ آهي؟

ج : سورة النساء .

س : قرآن شريف جي پنجين سيپاري ۾ هڪ سورة آهي ٻئي ڪهڙي سيپاري ۾ رڳو هڪ سورة آهي ؟

ج : ستون سيپاري نمبر ٢ ۾

س : حضور صلعم جي زندگي مبارڪ جي آخري رمضان المبارڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ حضرت جبرئيل حضور صلعم جن کي ڪيترا ڀيرا قرآن پڙهايو؟

ج : ٻه ڀيرا.

س : روزا فرض هجڻ جو ذڪر ڪهڙي سورة ۾ آهي؟

ج : سورة البقرة ۾.

س : قرآن شريف ۾ آيات ” نهي“ جو تعداد هڪ هزار آهي آيات ”امر“ جو تعداد ڪيترو آهي؟

ج : هڪ هزار

س : قرآن شريف جي ڪتابت ڪرڻ وارن صحابين کي ڇا چيو ويندو آهي؟

ج : ڪاتبين وحي.

س : قرآن شريف ۾ ڪهڙن ملڪن جو نالو آيو آهي؟

ج : مصر- روم- مدائن- يثرب ۽ مڪو

س : قرآن شريف جي ان سورة جو نالو ٻڌايو جنهن جو نالو ڪوڙي ٻيڙي تي آهي؟

ج : سورة العنڪبوت

س : قرآن شريف جي ان سورة جو نالو ٻڌايو جنهن ۾ معراج جو ذڪر آيو آهي؟

ج : سورة بني اسرائيل

س : قرآن شريف ۾ جن ٽن بتن جو ذڪر آيو آهي انهن جا نالا ٻڌايو؟

ج : لات - منات - عزىٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : انسورة جو نالو ٻڌايو جنهن کي هڪ ڀيرو پڙهڻ
سان ڏهه قرآن شريف پڙهڻ جو ثواب ملندو آهي؟

ج : سورة ياسين -

س : قرآن شريف ۾ بيعت رضوان کي ڪهڙي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي؟

ج : بيعت الشجرة .

س : قرآن شريف ۾ صلح حديبيه کي ڪهڙي نالي سان منسوب
ڪيو ويو آهي؟

ج : فتح مبين

س : قرآن شريف ۾ يوم بدر کي ڪهڙي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي؟

ج : يوم الفرقان

س : قرآن شريف جي ستين منزل ڪهڙي سورة کان ڪهڙي
سورة تائين آهي؟

ج : سورة قٓ کان سورة الناس تائين .

س : قرآن شريف جي ٻي منزل ڪهڙي سورة کان ڪهڙي سورة
تائين آهي؟

ج : سورة مائده کان سورة توبه تائين

س : قرآن شريف جي مڪي ۽ مدني سورتن جي تعداد ٻڌايو؟

ج : مڪي سورتون ٨٧ ۽ مدني سورتون ٢٧

س : قرآن شريف ۾ حضرت سليمان عليه السلام جو ذڪر ڪيترا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آيو آهي ؟

ج : ١٦ پيرا

س : حضرت ابو بڪر صديق رضه پنهنجي خلافت جي دور ۾ ڪنهن صحابي کان قرآن شريف جو هڪ ئي نسخو ڪرايو هو؟

ج : حضرت زيد بن ثابت رضه

س : قرآن شريف ۾ نقطا ڪهڙي سن هجري ۾ لڳايا ويا.

ج : ٨٦ سن هجري ۾.

س : قرآن شريف جي مدني سورتن جو موضوع ڇا آهي؟

ج : امر ۽ نهي

س : قرآن شريف جي جزن کي سورت چئبو آهي - سورت جي جزن کي ڇا چئبو آهي ؟

ج : آيتون

س : حضور صلعم جي دور ۾ قرآن شريف ڪيترن حصن ۾ تقسيم ٿيل هو؟.

ج : ستن حصن ۾.

س : قرآن شريف ڪل ڪيترين جنگين جو ذڪر آيو آهي ؟

ج : ٻارنهن جنگين جو

س : قرآن شريف ۾ ڪهڙين عورتن جو ذڪر خير آيو آهي ؟

ج : حضرت خديجه رضه ۽ حضرت عائشه رضه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : قرآن شريف جي ان سورت جو نالو ٻڌايو جنهن ۾ ازواج مطهرات جي لاءِ پردي جي تاڪيد ڪئي وئي آهي ؟

ج : سورت احـزاب

س : قرآن شريف جي ان سورت جو نالو ٻڌايو جنهن جو نالو سڀ کان ڊگهو آهي ؟

ج : سورة بني اسرائيل

س : قرآن شريف ۾ حضرت جبرئيل جو نالو ڪيترا ڀيرا آيو آهي ؟

ج : ٽي ڀيرا .

س : سورة نصر ڪي ٻئي ڪنهن نالي سان سڏبو آهي ؟

ج : سورت الوداع .

س : ان سورت جو نالو ٻڌايو جنهن جي ذريعي حضور صلعم جن سڀ کان پهريائين تبليغ ڪئي ؟

ج : سورة مدثر .

س : قرآن شريف جي ڪيترين آيتون نيوت جو دليل آهن ؟

ج : ٩٩ آيتون

س : قرآن شريف ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام کي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويو آهي ؟

ج : امام الناس

س : قرآن شريف ۾ صحابي حضرت زيد بن حارث جو ذڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهڙي سورت ۾ آيو آهي؟

ج : سورت احزاب ۾

س : قرآن شريف ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضه کي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويو آهي؟

ج : ثاني اثنين

س : الله تعالیٰ جي ڪهڙي صفت جو تذڪرو قرآن شريف ۾ سڀ کان وڌيڪ آيو آهي؟

ج : صفت ربوبيت

س : قرآن شريف ۾ حضرت يوسف ؑ جي قصي کي ڇا چيو ويو آهي؟

ج : احسن القصص

س : ڪهڙي سورت کي قرآن جي ڪنوار چيو ويندو آهي؟

ج : سورت الرحمٰن

س : ڪهڙي سورت کي قرآن جي دل چيو ويندو آهي؟

ج : سورت يٰسٓ

س : سورة فاتحه جي باري ۾ حضور صلعم جن ڇا فرمايو هو؟

ج : اها قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي وڪالت ڪندي .

س : قرآن شريف جي ڪهڙي سورت ۾ صرف هڪ زير آئي آهي؟

ج : سورة اخلاص

س : قرآن شريف جي ڪهڙي سورت ۾ سڀ کان وڌيڪ احڪام


Scanned with CamScanner

ڏنا ويا آهن؟

ج : سورت البقره

س: ٻڌايو ته " محمّد" ڪهڙين سورتن ۾ آيو آهي؟

ج : سورت آل عمران - سورت احزاب - سورت فتح - سورت محمد

س: ڪنهن ملائڪ جا صفاتي نالا قرآن شريف ۾ آيا آهن؟

ج : هائو - حضرت جبرئيل عليه السلام - روح القدس - روح الامين

س: قرآن شريف ۾ ڪهڙن ملائڪن جا نالا آيا آهن؟

ج : حضرت جبرئيل - حضرت ميڪائيل - هاروت - ماروت

س: صٓ ۽ قٓ ٻه سورتون آهن جنهن جا نالا هڪ حرف تهجي تي مشتمل آهن - اهي ڪهڙن سيپارن ۾ آهن؟

ج : سورة صٓ ٢٣ سيپاري ۾ ۽ سورة قٓ ٢٦ سيپاري ۾

س: آيت الڪرسي ڪهڙي سيپاري ۽ ڪهڙي سورت ۾ آهي؟

ج : ٽئين سيپاري جي سورة البقره ۾

س: قرآن شريف ۾ ڪهڙي نبي جو ذڪر سڀ کان گهڻا ڀيرا آيو آهي؟

ج : حضرت موسىٰ عليه السلام جو - ١٦٦ ڀيرا

س : قرآن شريف ۾ ڪهڙي نبيءَ کي الله تعالىٰ خليفي جي لقب سان سڏيو آهي؟

ج : حضرت داؤد عليه السلام کي -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : قرآن شريف ۾ ڪهڙي نبي کي ان جي ماءُ جي نالي سان
ڳڻ سڏيو ويو آهي؟

ج حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي ابن مريم جي نالي سان.

س : سورت البقره جي ڪهڙي آيت کي آيت اضطرار چيو ويندو آهي؟

ج : ١٧٣ هين آيت کي.

س : قرآن شريف ۾ لفظ الله ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

ج : ٢٦٩٧ ڀيرا.

س : ٻڌايو ته لفظ "ربوٰ" مان ڇا مراد آهي؟

ج : وياج

س : اهل ڪتاب ڪهڙن ماڻهن کي چيو ويندو آهي؟

ج : اهي ماڻهو جيڪي ڪنهن به الهامي يا آسماني ڪتاب کي مڃيندا آهن.

س : ٻڌايو ته صراط مستقيم مان ڇا مراد آهي؟

ج : لفظي معنيٰ آهي "سڌو رستو" پر اصطلاحي معنيٰ مان
مراد دين اسلام آهي.

س : سبع المبين مان ڇا مراد آهي؟

ج : اهي ستئي سورتون جن ۾ آيتن جو تعداد هڪ سؤ هجي. ان
جو اطلاق سورت يونس کان سورت فاطر تائين جي سورتن
تي ٿئي ٿو.

س : قرآن جي اصطلاح ۾ صفا ۽ مروه کي ڇا چيو ويندو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : شعائر الله

س : الحمد کي ڪھڙين معنائن ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو ؟

ج : عربي ۾ حمد سني صفتن جي بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي:

س : قرآن شريف جي اصطلاح ۾ نيڪ ڳالهين کي ڇا چئبو آهي؟

ج : معروف - اهو لفظ تقريباً ۴۰ ڀيرا آيو آهي.

س : قرآن شريف ۾ ماکيءَ جي مک کي وحي ڪرڻ ۽ حضرت موسيٰ جي والده کي وحي ڪرڻ جو ذڪر ڪھڙين سورتن ۾ آيو آهي؟

ج : سورة نحل ۽ سورت قصص ۾

س : قرآن شريف جي ٻي منزل ۾ ڪيتريون سورتون آهن؟

ج : پنج

س : قرآن جي ٽئين منزل ڪھڙي سورت کان شروع ٿئي ٿي ۽ ڪھڙي سورت تي ختم ٿئي ٿي.

ج : سورة يونس کان سورة النحل تائين

س : قرآن شريف جي ٽئين منزل ۾ ڪيتريون سورتون آهن؟

ج : ست سورتون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# قرآن شريف جا سيپارا

س: قرآن شريف ۾ ڪل ڪيترا سيپارا آهن؟

ج: ٽيهه سيپارا

س: قرآن شريف جي انهن سيپارن جا نالا ٻڌايو جن جي شروعات "بسم الله" سان ٿئي ٿي؟

ج: الم - سبحٰن الذي - اقترب للناس - قد افلح - حٰمٓ قد سمع الله - تبارڪ الذي ۽ عمّ

س: قرآن جي ڪن ٻن سيپارن ۾ صرف هڪ ئي سورت آهي؟

ج: سيقول السفهآء - و المحصنٰت

س: حضور صلعم جو نالو مبارڪ سڀ کان پهريائين ڪهڙي سيپاري ۾ آيو آهي؟

ج: لن تنالوا البر ۾ (چوٿون سيپارو)

س: قرآن شريف جي انهن ٻن سيپارن جا نالا ٻڌايو جيڪي صرف ٻن حرفن تي مشتمل آهن؟

ج: حٰمٓ (٢٦ سيپارو) ۽ عمّ (ٽيهون سيپارو)

س: قرآن شريف جي ڪهڙن ٻن سيپارن ۾ هڪ کان وڌيڪ سجد

ج: وقال الذي (١٩) ۽ عمّ (٣٠)

س: قرآن شريف جي ٽيهين سيپاري ۾ سورتن جي تعداد ٻڌايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ۳۰

س : ٽيهين سپاري جي سڀ کان وڏي سورت جو نالو ٻڌايو؟

ج : سورت النّازعات

س : سورة بقره قرآن شريف جي ڪهڙن سپارن ۾ آهي ؟

ج : المٓ - سيقول ۽ تلك الرّسل ۾

س : قرآن شريف جي انهن سورتن جا نالا ٻڌايو جيڪي ٻن ٻن

سيپارن ۾ آهن ؟

ج : سورة آل عمران- سورة مائده - سورة انعام -سورة اعراف

سورة انفال - سورة توبہ - سورة هود - سورة يوسف -سورة

حجر- سورة ڪهف- سورة فرقان - سورة نمل - سورة

عنڪبوت - سورة احزاب - سورة يٰسٓ - سورة زمر ،

سورة حٰمٓ سجده - ۽ سورة ذاريات

س : ٻن ٻن سيپارن ۾ ڪيترين سورتون آهن ؟

ج : ۱۸ سورتون .

س : سورة النباء ڪيترن سيپارن ۾ آهي ؟

ج : ٽن سيپارن ۾ - لن تنالوا - والمحصنٰت - لا يحب الله

س : ۲۸ سيپاري ۾ حضور صلى الله عليه وسلم کي ڪهڙي نالي سان

ياد ڪيو ويو آهي ؟

ج : احمد جي نالي سان .

س : ربِّ زدني علمًا - ( اي رب منهنجي علم ۾ اضافو ڪر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهادعا ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ١٦ سيپاري ۾.

س : سورة علق ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٣٠ سيپاري ۾.

س : قرآن شريف جي ٣٠ سيپارن جا نالا ٻڌايو؟

١- الم
٢- سيقول
٣- تلك الرسل
٤- لن تنالوا البر
٥- والمحصنت
٦- لا يحب الله
٧- واذا سمعوا
٨- ولو اننا
٩- قال الملأ
١٠- واعلموا
١١- يعتذرون
١٢- ومامن دآبة
١٣- وما ابرئ
١٤- ربما
١٥- سبحن الذى
١٦- قال الم اقل
١٧- اقترب للناس
١٨- قد افلح
١٩- وقال الذين
٢٠- امن خلق
٢١- اتل ما اوحى
٢٢- ومن يقنت
٢٣- ومالى
٢٤- فمن اظلم
٢٥- اليه يرد
٢٦- حم
٢٧- قال فما خطبكم
٢٨- قد سمع الله
٢٩- تبارك الذى
٣٠- عم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# قرآن شريف جون سورتون

س : سورة جي لفظي معنيٰ ڇا آهي؟

ج : پٽ جو هڪ بار- سني ۽ بلند عمارت، نشان ۽ علامت

س : قرآن شريف جي سڀ کان اول نازل ٿيڻ واري سورة جو نالو ٻڌايو؟

ج : سورة علق

س : قرآن شريف جي ترتيب نزولي جي اعتبار کان نازل ٿيڻ واري آخري سورة جو نالو ٻڌايو؟

ج : سورة توبه

س : موجوده ترتيب جي لحاظ سان پهرين سورة ڪهڙي آهي؟

ج : سورة الفاتحة

س : موجود ترتيب جي اعتبار کان آخري سورة ڪهڙي آهي؟

ج : سورة الناس

س : قرآن شريف جي پهرين ستن سورتن کي اصطلاح ۾ ڇا چيو ويندو آهي؟

ج : طوال

س : قرآن شريف ۾ سورة جو لفظ ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ست سيپارا

س : قرآن شريف جي ٻين کان ڏگھي سورة بقرة آهي پر سڀني کان مختصر ترين سورة جو نالو ٻڌايو ؟

ج : سورة الكوثر

س : ٻڌايو ته رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوا عنه جا الفاظ ڪهڙي سورة ۾ آيل آهن ؟

ج : سورة البينه

س : قرآن شريف جي شروعات ۾ ستن سورتن کي طوال چيو ويندو آهي ان کان پوءِ ١١ سورتن کي ڇا چئبو آهي ؟

ج : مئين

س : قرآن شريف جي انهن ٻن سورتن جا نالا ٻڌايو جيڪي هڪ ئي وقت نازل ٿيون ؟

ج : سورة الفلق ۽ سورة الناس

س : قرآن شريف جي ڏگھي سورت سورة البقره آهي ٻي نمبر تي ڏگھي سورة جو نالو ٻڌايو ؟

ج : سورة آل عمران

س : قرآن شريف جون ڪيترين سورتون صرف هڪ رڪوع تي مشتمل آهن ؟

ج : ٣٦

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : ٻڌايو ته ابابيل پکين جو نالو ڪهڙي سورة ۾ آيو آهي؟

ج : سورة فيل ۾

س : ٻڌايو ته غزوه خيبر جي فتح تي ٿيڻ جي خبر ڪهڙي سورت ۾ ڏني وئي؟

ج : سورة فتح ۾

س : بسم الله ٻه ڀيرا ڪهڙي سورت ۾ آئي آهي؟

ج : سورة نمل ۾

س : قرآن شريف ۾ ڪهڙي سورة ۾ وڌيڪ احڪام ڏنل آهن؟

ج : سورة بقرة ۾

س : قرآن شريف ۾ اڪيلي سورة جو نالو ٻڌايو جنهن ۾ انسان سان گڏ و گڏ جنن کي به مخاطب ڪيو ويو آهي؟

ج : سورة رحمان

س : قرآن شريف جون ڪيتريون سورتون لفظ "قل" کان شروع ٿين ٿيون؟

ج : ٥ سورتون

س : يمن جي شهر نجران جي عيسائين کي ڪهڙي سورت ۾ خطاب ڪيو ويو آهي؟

ج : سورة آل عمران

س : ٻڌايو ته سورة بقره ۾ مديني جي ڪهڙن ماڻهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خطاب ڪيو ويو آهي؟

ج : يهودين کي.

س : ذوالقرنين جو قصو ڪهڙي سورة ۾ بيان ٿيل آهي؟

ج : سورة ڪهف ۾

س : ٻڌايو ته جهاد وقت ڪهڙي سورة جي تلاوت ڪئي ويندي آهي؟

ج : سورة نصر جي

س : معراج شريف جو واقعو ڪهڙي سورة ۾ آهي؟

ج : سورة بني اسرائيل ۾

س : ٻڌايو ته حضرت عمر فاروق رض ڪهڙي سورة ڪان متاثر ٿي اسلام آندو هو؟

ج : سورة طٰهٰ

س : سورة احزاب ۾ ڪهڙي صحابي جو ذڪر آيو آهي؟

ج : حضرت زيد بن حارث رض جو

س : ڪهڙي سورة جو اختتام دعا سان ٿئي ٿو؟

ج : سورة بقره جو.

س : ڪهڙي صحابي کي دعوتِ اسلام نه ڏيڻ تي سورة عبس نازل ٿي هئي؟

ج : حضرت عمران ام مڪتوم

س : ڪهڙي سورة ۾ "ب" صرف هڪ ڀيرو استعمال ٿي آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : سورة التكاثر ۾

س : ڪهڙي سورة ۾ حرف "ر" هڪ ڀيرو آيو آهي ؟

ج : سورة الڪافرون ۾.

س: ڪهڙي سورة ۾ حرف "ز" هڪ ڀيرو آيو آهي؟

ج : سورة طارق - سورة اعلىٰ - سورة غاشيه - سورة فجر

سورة شمس - سورة انشراح - سورة تين - سورة علق -

۽ سورة تڪاثر

س : ڪهڙين سورتن ۾ حرف "س" هڪ ڀيرو آيو آهي ؟

ج : سورة قدر - سورة بينه - سورة قارعة - سورة همزه ۾

س : حضرت عزير عليه السلام جي ١٠٠ سال مرده رهڻ جو

واقعو ڪهڙي سورت ۾ آهي ؟

ج : سورة البقره ۾

س : حضرت عيسىٰ عليه السلام کي زنده آسمان تي کڻي وڃڻ

جو واقعو ڪهڙي سورة ۾ آيو آهي ؟

ج : سورة آل عمران

س : نصرانين سان مباهلي جي جيڪا آيت نازل ٿي هئا

ڪهڙي سورة ۾ آهي؟

ج : سورة آل عمران

س : آيت قطب ڪهڙي سورة ۾ آهي ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : سورة آل عمران جي آيت نمبر ٥٧ ۾ آيت قطب جيو ويندو آهي.

س: ڪا آيت سليماني ڪهڙي سورة ۾ آهي؟

ج : سورة النمل ۾

س: حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي خاتم النبيين هجڻ واري آيت ڪهڙي سورة ۾ آهي؟

ج : سورة الاحزاب آيت ٥٤

س : اهل بيت نبي جي متعلق آيت تطهير ڪهڙي سورة ۾ آهي؟

ج : سورة الاحزاب

س: حضور صلي الله عليه وسلم جي متعلق آيت نور ڪهڙي سورت ۾ آهي؟

ج : سورة المائده

س : الحمد لله سان شروع ٿيندڙ سورتن جا نالا ٻڌايو؟

ج : سورة فاتحه - سورة ڪهف - سورة سبا - سورة فاطر

س: انسان جي پيدائش جو قصو ڪهڙي سورت ۾ آهي؟

ج : سورة طٰهٰ

س: قرآن شريف جو سورهون مقام ڪهڙي سورت ۾ آهي؟

ج : سورة المرسلات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س: قرآن شريف جي ٻن اهڙين سورتن جا نالا ٻڌايو جن جا هڪ ڪان وڌيڪ نالا هجن؟

ج: سورة بني اسرائيل يا سورة الاسراء - سورة توبه يا سورة برائت

س: قرآن شريف جي ڪهڙي سورة جي شروعات بسم الله سان نه ٿي ٿئي؟

ج: سورة توبه

س: قرآن شريف ۾ حضرت سليمان ۽ ملڪ بلقيس جو تذڪرو ڪهڙي سورة ۾ آهي؟

ج: سورة النمل ۾

س: قرآن شريف جي ڪهڙي سورت کي "باب القرآن" سڏيو ويندو آهي؟

ج: سورة فاتحه

س: قرآن شريف جي مڪي سورتن جا نالا ٻڌايو؟

ج: ١- فاتحه
٢- انعام
٣- اعراف
٤- يونس
٥- هود
٦- يوسف
٧- ابراهيم
٨- حجر
٩- نحل
١٠- بني اسرائيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۱۱- کہف
۱۲- مریم
۱۳- طٰہٰ
۱۴- انبیآء
۱۵- مومنون
۱۶- فرقان
۱۷- شعرآء
۱۸- نمل
۱۹- قصص
۲۰- عنکبوت
۲۱- روم
۲۲- لقمان
۲۳- السجدہ
۲۴- سبا
۲۵- فاطر
۲۶- یٰسٓ
۲۷- صٰفٰت
۲۸- صٓ
۲۹- زمر
۳۰- مومن
۳۱- حٰمٓ سجدہ
۳۲- شوریٰ
۳۳- زخرف
۳۴- دخان
۳۵- جاثیہ
۳۶- احقاف
۳۷- قٓ
۳۸- ذاریات
۳۹- طور
۴۰- نجم
۴۱- قمر
۴۲- واقعہ
۴۳- الممتحنہ
۴۴- ملک
۴۵- قلم
۴۶- حاقہ
۴۷- معارج
۴۸- نوح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٤٩ حجب
٥٠- مزمل
٥١- مدثر
٥٢- قيامه
٥٣- الدهر
٥٤ مرسلات
٥٥- النبا
٥٦ نازعات
٥٧- عبس
٥٨- تكوير
٥٩- انفطار
٦٠- مطففين
٦١- انشقاق
٦٢- بروج
٦٣- طارق
٦٤- الاعلىٰ
٦٥- غاشيه
٦٦- فجر
٦٧- البلد

٦٨- الشمس
٦٩- الليل
٧٠- الضحىٰ
٧١- المنشرح
٧٢- التين
٧٣- علق
٧٤- قدر
٧٥- العاديات
٧٦- قارعه
٧٧- تكاثر
٧٨- عصر
٧٩- همزه
٨٠- فيل
٨١- قريش
٨٢- ماعون
٨٣- الكوثر
٨٤- كافرون
٨٥ لهب
٨٦ اخلاص

٨٧- الفلق
٨٨- الناس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

س : قرآن شريف جي مدني سورتن جا نالا ٻڌايو ؟

ج :

١- البقره
٢- آل عمران
٣. نسآء
٤ مائده
٥- انفال
٦- توبه
٧- رعد
٨- حج
٩- نور
١٠- احزاب
١١- محمّد
١٢. فتح
١٣- حجرات
١٤- رحمٰن
١٥- حديد
١٦- مجادله
١٧- الحشر
١٨- صف
١٩- جمعه
٢٠- منافقون
٢١- تغابن
٢٢- الطلاق
٢٣- تحريم
٢٤ بينه
٢٥- زلزال
٢٦- نصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سورة فاتحه

س : فاتحه جو ڇا مطلب آهي ؟

ج : افتتاح ڪرڻ - ديباچو - شروعات

س : ڪهڙي سورة مڪي پيرو مڪي ۾ ۽ ٻيو ڀيرو مديني ۾ نازل ٿي

ج : سورة فاتحه پهريون ڀيرو جڏهن نماز فرض ٿي ۽ ٻيو ڀيرو

جڏهن قبلو تبديل ڪيو ويو.

س : سورة فاتحه ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : حضور صلى الله عليه وسلم جن جي مڪي زندگي جي شروعاتي دو

س : ٻڌايو ته [illegible] ڪر قرآن شريف جي ڪهڙي سورت

کي چيو ويندو آهي ؟

ج : سورة فاتحه

س : ٻڌايو ته سورة فاتحه ۾ ڪهڙي نبي جو ذڪر آيو آهي

ج : ڪنهن به نبي جو ذڪر نه اٿس .

س : ٻڌايو ته سورة فاتحه جو آخري حرف ڪهڙو آهي ؟

ج : "ن"

س : نزول قرآن جي ترتيب سان سورة فاتحه جو ڪهڙو نمبر آهي

ج : پنجون نمبر آهي

س : ٻڌايو ته سورة فاتحه ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ج : ١٤٠ حرف بسم الله سميت.

س: سورة " صلوٰة " قرآن شريف جي ڪهڙي سورت کي چئبو آهي؟

ج : سورة فاتحه کي.

س: قرآن شريف جي اها ڪهڙي سورة آهي جيڪا هر نماز ۾ پڙهڻ فرض آهي؟

ج : سورة فاتحه.

## سورة بقره

س : ٻڌايو ته " بقره " جي لفظي معنيٰ ڇا آهي؟

ج : ڳئون

س : سورة بقره جو نالو " بقره " ڇو رکيو ويو آهي؟

ج : ان ۾ هڪ جڳهه ڳئون جو ذڪر آهي - پر موضوع جي اعتبار سان ان جو ڳئون سان ڪو تعلق ناهي.

س: حضرت جبرئيل جو نالو سورة بقره ۾ ڪهڙن ٻن آيتن ۾ آيو آهي؟

ج : آيت نمبر ٩٧ ۽ آيت نمبر ٩٨ ۾

س : قرآن شريف ۾ حضرت آدم عليه السلام جو ذڪر سڀ کان پهرين ڪهڙي سورت ۾ آيو آهي؟

ج : سورة بقره ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : سورة بقره ۾ حضور صلي الله عليه وسلم کي آيت نمبر ١١٩ ۾
ڪهڙي نالي سان سڏيو ويو آهي؟

ج : بشير و نذير

س : سورة بقره قرآن شريف جي ڪيترن سيپارن ۾ آهي؟

ج : ٽن سيپارن ۾ (الم ... سيقول - تلڪ الرسل)

س : پهرين سيپاري ۾ سورة بقره جون ڪيتريون آيتون آهن؟

ج : ١٤١ آيتون.

س : موجوده ترتيب جي لحاظ سان سورة بقره قرآن شريف جي
ڪهڙي نمبر تي آهي؟

ج : ٻي سورة

س : حضرت موسیٰ عليه السلام جو نالو سڀ کان پهريائين
ڪهڙي سورة ۾ آيو آهي؟

ج : سورة بقره ۾.

س : ٻڌايو ته سورة بقره ۾ ڪهڙي پيغمبر جو نالو پنجن
جڳهن تي آيو آهي؟

ج : حضرت آدم عليه السلام جو.

س : "سنام القرآن" ڪهڙي سورة کي چيو ويندو آهي؟

ج : سورة البقره کي.

س : ٻئي سيپاري ۾ سورة بقره جون گهڻيون آيتون آهن؟


Scanned with CamScanner

ج : هڪ سؤ ٻارنهن آيتون

س: ٻڌايو ته سورة بقره ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٢٥٥٠٠٠ حرف آهن.

س : سورة بقره ۾ ڪيترن نبين جو ذڪر آيو آهي؟

ج : ٻارنهن جو -(حضرت آدم ع، حضرت يعقوبؑ، حضرت ن، حضرت ابراهيم عليه السلام - حضرت موسىٰؑ - حضرت هـ، حضرت اسحاقؑ - حضرت اسماعيلؑ حضرت عيسىٰؑ ۽ حضرت محمد صلعم)

س : آيتن جي لحاظ کان سورة بقره جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : پهريون نمبر.

س : سورة بقره ۾ حضرت جبرئيلؑ کان سواءِ ٻئي ڪنهن ملائڪ جو نالو آهي؟

ج : حضرت ميڪائيلؑ جو.

س: ٻڌايو ته سورة بقره ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : گهڻو حصو پهرين هجري ۽ ٻي هجري ۾ نازل ٿيو ۽ ڪجهه آيتون بعد ۾ نازل ٿيون.

س: ٻڌايو ته ٽئين سيپاري "تلڪ الرسل" ۾ سورة بقره جا ڪيترا رڪوع آهن؟

ج : اٺ رڪوع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س: ٻڌايو ته مشهور آيت ”آيت الڪرسي“ ڪهڙي سورة ۾ آهي؟

ج : سورة بقره ۾

## سورة آل عمران

س: سورة جو آل عمران نالو ڇو رکيو ويو؟

ج : ان سورة جي آيت نمبر ٣٣ ۾ ”آل عمران“ جو ذڪر آيو آهي.

س: سورة آل عمران قرآن شريف جي ڪهڙن ٻن سيپارن ۾ آهي؟

ج : ٽئين ۽ چوٿين سيپاري ۾.

س: قرآن شريف جي نزول جي ترتيب جي لحاظ کان هن سورة جو

ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٨٩ نمبر اٿس

س: سورة آل عمران ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : سن ٣ هجري ۽ سن ٤ هجري ۾

س: آيتن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : چوٿون نمبر

س: هن سورت ۾ غزوه احد ڏانهن ڪهڙي آيت ۾ اشارو

ڏنو ويو آهي؟

ج : آيت نمبر ١٩ ۾

س: هن سورة ۾ ڪهڙي قوم جو ٻه ڀيرا ذڪر ڪيو ويو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : حضرت آدم عليه السلام جي قوم جو.

س : ٽئين سيپاري ۾ هن سورة جون ڪيتريون آيتون آهن؟

ج : ٩١ آيتون

س : ڪل ڪيترا حرف هن سورة ۾ آهن؟

ج : ١٤٥٢٠

## سورة النسآء

س : ٻڌايو ته لفظ "نسآء" جي لفظي معنيٰ ڇا آهي؟

ج : عورتون

س : هن سورة جو موضوع ڇا آهي؟

ج : عورتن جي حقن جي باري ۾.

س : نزول جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٩٢ نمبر

س : هيءَ سورت ڪهڙن سيپارن ۾ آهي.

ج : چوٿين ـ پنجين ۽ ڇهين سيپاري ۾.

س : هيءَ سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : ٣ هجري کان ٥ هجري جي شروعات تائين.

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ١٦٥٣٠ حرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : آيتن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : پنجون نمبر

س : ڇو ٿين سيپاري ۾ هن سورة جون ڪيتريون آيتون آهن؟

ج : ٢٣ آيتون

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف "م" تي.

## سورة المائدة

س : ٻڌايو ته لفظ مائده جي معنيٰ ڇا آهي؟

ج : دسترخوان

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : ٥ هجري ۽ ١٠ هجري جي وچ ۾

س : هي سورة ڪهڙن سيپارن ۾ آهي؟

ج : ڇهين ۽ ستين سيپاري ۾

س : الله سائين طرفان قرآن شريف جي آخري وحي هن سورت جي ڪهڙي آيت نازل ڪئي؟

ج : اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا.

س : حضور سائين جن جي لاءِ لفظ "نور" هن سورة

جي ڪهڙي آيت ۾ استعمال ٿيو آهي ؟

ج : آيت نمبر ١٣ ۾

س : هن سورت ۾ ڪهڙي پيغمبر جو نالو ٣ ڀيرا آيو آهي؟

ج : حضرت موسىٰ عہ جو

س : هي سورة ڪهڙي حرف کان شروع ٿئي ٿي ؟

ج : حرف "ي" کان

س : هن سورة جو رڪوعن جي لحاظ کان ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ڇهون نمبر

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف "د" تي.

## سورة الانعام

س : ٻڌايو ته لفظ "انعام" جي لغظي معنیٰ ڇا آهي ؟

ج : چوپايا - جانور

س : هي سورة ڪهڙن سيپارن ۾ آهي؟

ج : ستين ۽ اٺين سيپاري ۾

س : نزول جي اعتبار کان هن سورت جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ٥٥ هون نمبر.

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : هيءَ سورت هجرت کان هڪ سال اڳ هڪ ئي رات ۾ نازل ٿي (روايت حضرت ابن عباس رضه)

س : هن سورت ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ١٢٩٣٥ حرف.

س : آيتن جي لحاظ کان هن سورت جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ستون نمبر.

س : هن سورت جا وڌيڪ رڪوع ڪهڙي سيپاري ۾ آهن؟

ج : ستين سيپاري ۾.

س : هن سورت ۾ ڪهڙي پيغمبر جا چار پيرا نالا آيا آهن؟

ج : حضرت ابراهيم عليه السلام

س : ڪهڙي حرف سان هن سورت جي شروعات ٿئي ٿي؟

ج : حرف "م" سان

س : ڪهڙو حرف هن سورت جي آخر ۾ آهي؟

ج : حرف "م"

## سورة الاعراف

س : اعراف جو ڇا مطلب آهي؟

ج : دوزخ ۽ جنت جي وچ واري جڳهه کي " اعراف" چئبو آهي.

س : هن سورة جو نالو "اعراف" ڇو رکيو ويو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ان لاءِ ته هن سورة ۾ اصحاف اعراف جو ذڪر آيو آهي.

س : هن سورة جي آخري رڪوع ۾ قرآن شريف جو ڪهڙو رڪوع آهي؟

ج : پهريون سجدو

س : سورة اعراف جو ڪيترو حصو ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : نائين سيپاري ۾ آهي.

س : هن سورة ۾ حضرت آدمؑ جو ذڪر سڀ کان وڌيڪ آيو آهي،
ٻڌايو ته ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

ج : ست ڀيرا آيو آهي.

س : هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج : ١٤٥١٥ حرف آهن.

س : نزول جي اعتبار سان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : اوڻيتاليهون

س : هن سورة جون ڪيتريون آيتون مديني ۾ نازل ٿيون؟

ج : پنج آيتون

س : ڪهڙي حرف تي هي سورة ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف "ن" تي.

## سورة الانفال

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : هن جو گھڻو حصو سن ٢ هجري ۾ نازل ٿيو (جڏهن ته ڪجھ مستند مؤرخين مطابق ٣ يا ٤ يا اجان ڪجھ وڌيڪ آيتون هجرت کان پهرين مڪي ۾ نازل ٿيون)

س : هن سورة جو نالو آيت جي ڪهڙي جملي مان ورتل آهي؟

ج : يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ؕ

س : نزول جي اعتبار کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي ؟

ج : ٨٨ نمبر

س : هي سورة ڪيترن سيپارن ۾ آهي ؟

ج : ٻن سيپارن ۾ (نائين ۽ ڏهين سيپاري ۾)

س : هن سورة جو وڌيڪ حصو ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ڏهين سيپاري ۾

س : هن سورت ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٥٠٨٠ حرف آهن.

س : جهاد جي موقعي تي خصوصيت سان ڪهڙي سورة پڙهي آهي؟

ج : سورة الانفال

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف کان ٿئي ٿي ؟

ج : حرف ”ي“ کان .

س : هن سورة جي ڪهڙي آيت ۾ غزوه بدر ڏي اشارو ڪيو ويو آهي؟

ج : آيت نمبر ٤١ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هن سورة جي پڇاڙي ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف "م" تي

## سورة توبه

س : هن سورة جو نالو "توبه" ڇو رکيو ويو؟

ج : ان لاءِ ته ان ۾ اهل ايمان جي گناهن جي معافي جو ذڪر آهي.

س : هن سورة جو ٻيو نالو ڇا آهي؟

ج : سورة براُت

س : هن سورة کي سورة براُت ڇو چيو آهي؟

ج : ڇو جو هن سورة جي شروعات ۾ مشرڪن کان بيزاري جو اعلان آهي.

س : هي سورة ڪهڙن سيپارن ۾ آهي؟

ج : ڏهين ۽ يارهين سيپاري ۾

س : وڌيڪ حصو ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ڏهين سيپاري ۾.

س : هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج : ١٠٤٨٨ حرف آهن.

س : هن سورة ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جا ڪهڙا نالا مبارڪ آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : رؤف ۽ رحيم

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : سن ٩ هجري ۾

س: ڪهڙي حرف تي هي سورة ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف "م" تي.

## سورة يُونس

س: ڇا هن سورة جو موضوع، حضرت يونس عہ جي قصي جي متعلق آهي؟

ج : حضرت يونس ع جي قصي جي متعلق نه آهي.

س: آيتن جي اعتبار کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : سترهون نمبر

س: ڇا هي صحيح آهي ته سورة فاتحہ کان پوءِ هي پهرين سورة آهي جيڪا مڪمل هڪ سيپاري ۾ آهي؟

ج : هائو.

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : يارهين سيپاري ۾ آهي.

س: هن سورة جي سورة ڪهڙي منزل کان شروع ٿئي ٿي؟

ج : ٽين منزل کان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س: هن سورت ۾ حضرت موسیٰ ؑ جو ذڪر ڪيترا ڀيرا آيو آهي
ج: اَٺ ڀيرا

س: ترتيب نزولي جي اعتبار کان هن سورت جو ڪهڙو نمبر آهي
ج: ٥١ هون نمبر.

س: سورة يونس ۾ ڪيترا حرف آهن؟
ج: ٩٠٩٩ حرف اٿس.

س: رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟
ج: ڇهون

س: هي سورت ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟
ج: حرف "ن" تي

## سُورَةِ هُود

س: هن سورة جو نالو ڪيئن رکيو ويو؟
ج: هن سورة جي آيت وَ اِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا مان نالو ورتو ويو آهي.

س: هي سورة ڪهڙن ٻن سيپارن ۾ آهي؟
ج: يارهين ۽ ٻارهين سيپاري ۾

س: هن سورة جو گهڻو حصو ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟
ج: ٻارهين سيپاري ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

س : هي سورة قرآن شريف جي ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج : ٽين منزل ۾

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هي سورة قرآن شريف جي ڪهڙي نمبر جي سورة آهي؟

ج : ٥٢ هين سورة آهي.

س : هي سورة ڪيترن حرفن تي مشتمل آهي؟

ج : ٩٥٤٧ حرفن تي.

س : هن سورة ۾ ڪهڙي پيغمبر جو نالو چار ڀيرا آيو آهي؟

ج : حضرت صالح عليه السلام جو

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي جي آخري دور ۾ ۽ هن سورة جي آيت ١١٤ مديني ۾ نازل ٿي

س : هي سورة ڪيترن رڪوعن تي مشتمل آهي؟

ج : ڏهن رڪوعن تي.

س : ڪهڙي حرف تي هي سورة ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف "ن" تي.

## سورة يوسف

س : هن سورة جو نالو ڪيئن پيو؟

ج : هن سورة ۾ حضرت يوسف عليه السلام جو قصو بيان ٿيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي ان ڪري ان جو نالو يوسف ۾ ڪيو ويو آهي.

س: هن سورة ۾ حضرت يوسف عليه السلام جو نالو ڪيترا ڀيرا استعمال ڪيو ويو آهي؟

ج: ٢٤ ڀيرا

س: قرآن شريف ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي قصي کي ڇا چيو ويو آهي؟

ج: احسن القصص

س: هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج: ٽين منزل ۾

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج: ٥٣ هون نمبر

س: هيءَ ڪهڙن ٻن سيپارن ۾ آهي؟

ج: ٻارهين ۽ تيرهين سيپاري ۾.

س: گهڻو حصو ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: تيرهين سيپاري ۾

س: هن سورة ۾ ڪيترا رڪوع آهن؟

ج: ١٢ رڪوع آهن.

س: هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٧١٦٦ حرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف ' ن ' تي.

## سورة رعد

س : لفظ "رعد" جي لفظي معنيٰ ڇا آهي ؟

ج : ڪڪرن جي گجگوڙ کي چوندا آهن.

س : هن سورة جو نالو ڪيئن پيو ؟

ج . آيت وَيُسَبِّحُ الرَّعْدُ بِحَمْدِهٖ مان نالو ورتو ويو آهي

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

ج : تيرهين سيپاري ۾

س . هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي ؟

ج . ٽين منزل ۾

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : هي سورة مڪي جي آخري دور ۾ نازل ٿي.

س : هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ۳۵۰۶ حرف آهن

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي

ج : ۹۶ نمبر اٿس.

س : هن سورة ۾ ڪيترا رڪوع آهن ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ٦ رڪوع

س: قرآن شريف جو ٻيو سجدو هن سورة جي ڪهڙي آيت ۾ آهي؟

ج : آيت ١٥ ۾

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف "ب" تي

## سورة ابراهيم

س : هن سورة جو نالو "ابراهيم" ڇو رکيو ويو؟

ج : ڇو ته هن سورة ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جي نالي جو ذڪر آهي. ان ڪري سورة جو نالو ڏنو ويو.

س: هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج : ٽين منزل ۾

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : تيرهين سيپاري ۾ آهي.

س: هي سورة ڪيترن حرفن تي مشتمل آهي؟

ج : ٣٤٣٤ حرفن تي

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي جي آخري دور ۾ نازل ٿي. آيت ٢٨ کان ٣٠ تائين واريون آيتون مديني ۾ نازل ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٧٢ نمبر اٿس

س: هن سورة ۾ ڪيترا رڪوع اٿس ؟

ج : ست رڪوع اٿس.

س: هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿو؟

ج : حرف "ب" سان.

## سورة حجر

س : ٻڌايو ته "حجر" مان ڇا مراد آهي ؟

ج : حجر مان مراد وادي حجر آهي.

س: هن سورة ۾ قوم ثمود کي ڇا چيو ويو آهي ؟

ج : وادي حجر جا رهڻ وارا

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : چوڏهين سيپاري ۾

س: رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٻارهون نمبر

س : هن سورت ۾ ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ٢٧٦٠ حرف

س : نزول جي لحاظ کان هن سورت جو نمبر ڪهڙو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ۵۴ هين سورت

س : هن سورة جو نزول ڪڏهن ٿيو ؟

ج : هي سورة مڪي زندگي جي وچ واري دور ۾ نازل ٿي.

س : هن سورة جي پڇاڙي ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي ؟

ج : حرف " ن" سان

## سورة نحل

س : ٻڌايو ته "نحل" جي معنيٰ ڇا آهي ؟

ج : ماکي جي مک.

س : ٻڌايو ته هن سورة جو نالو ڪهڙي فقري مان ورتل

ج : وَاَوْحٰى رَبُّكَ اِلَى النَّحْلِ

س : هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج : ۷۰۷۷حرف

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : چوڏهين سيپاري ۾

س : هن سورة ۾ قرآن شريف جو ڪهڙو نمبر سجدو آهي

ج : ٽيون نمبر سجدو

س : هن سورة جو نالو علامتي آهي يا موضوع جي ترجماني ڪري ٿو

ج : علامتي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : حضور صلعم جي مڪي واري زندگي جي آخري دور ۾ پر
آيت نمبر ١١٠ مديني ۾ نازل ٿي .

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف "ن" تي.

## سورة بني اسرائيل

س : هن سورة جو ڪيئن پيو ؟

ج : لفظ بني اسرائيل جيڪو شروعاتي آيتن ۾ استعمال
ٿيل آهي.

س : هي سورة ڪهڙي منزل کان شروع ٿئي ٿي ؟

ج : چوٿين منزل کان

س : ڇا هن سورة جو موضوع بني اسرائيل آهي؟

ج : نه

س : قرآن شريف جو ڪهڙو سجدو هن سورة ۾ آهي؟

ج : چوٿون سجدو.

س : هن سورة جو آغاز ڪهڙي حرف کان ٿيل آهي ؟

ج : "س" سان (سُبحَانَ الَّذِىْ)

س . هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : پندرهين سيپاري ۾

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : پنجاهون نمبر

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٦٤٦٠ حرف

س : هن سورت ۾ ڪل ڪيتريون آيتون آهن؟

ج : ١١١ آيتون اٿس.

س : معراج جي واقعي جو ذڪر ڪهڙي آيت ۾ آيو آهي؟

ج : آيت نمبر پهرين ۾

## سورة ڪهف

س : هن سورة جو "ڪهف" چو ڪيو ويو؟

ج : هن سورة ۾ اصحاب ڪهف جو ذڪر آيل آهي؟

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج : الف سان

س : هن سورة ۾ حضرت موسیٰ عليه السلام جو ذڪر ڪيترا

ڀيرا آيو آهي؟

ج : ٻه ڀيرا

س : هي سورة ڪهڙن سيپارن ۾ آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پندرهين ۽ سورهين سيپاري ۾

س: رڪوعن جي لحاظ کان هي ڪهڙي نمبر جي سورة آهي؟

ج ناٺين نمبر تي.

س: هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٦٣٦٥ حرف

س: ترتيب نزولي جي اعتبار کان هن جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج: ٦٩ نمبر

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج: مڪي دور جي وچ واري زندگي ۾.

س: هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿو؟

ج: حرف "ا" سان

## سورة مريم

س: هن سورة جو نالو قرآن شريف جي ڪهڙي فقري تان ورتو ويو آهي؟

ج: وَاذْكُرْ فِي الْكِتَابِ مَرْيَمَ مان ورتل آهي.

س: قرآن شريف جو ڪهڙو سجدو هن سورة ۾ آهي؟

ج: پنجون سجدو

س: هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٣٨٥٥ حرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هن سورة ۾ ڪهڙي پيغمبر جي سهڻن اخلاقن جو ذڪر آهي؟

ج : حضرت اسماعيل عليه السلام

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : مڪي زندگي جي شروعاتي دور ۾ نازل ٿي. ڪن روايتن ۾ آيو آهي ته آيت ٥٩۰ کان ٦۰ مديني ۾ نازل ٿيون.

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : سورهين سيپاري ۾

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : چوئيتاليهون

س : قرآن شريف جي اها واحد سورة ٻڌايو جنهن جو نالو هڪ عورت تي رکيو ويو آهي؟

ج : مريم سورة

س : حبش هجرت جي موقعي تي حضرت جعفر طيار رض نجاشي جي دربار ۾ ڪهڙي سورة جي تلاوت ڪئي؟

ج : سورة مريم جون آيتون تلاوت ڪيون.

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف "الف" تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سورة طٰهٰ

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙن حرف مقطعات سان ٿئي ٿي؟

ج: طٰهٰ

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: سورهين سيپاري ۾.

س: هن سورة ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام جو ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

ج: سترنهن ڀيرا

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج: مڪي زندگي جي شروعاتي دور ۾.

س: هن سورة ۾ ڪيترا حرف استعمال ٿيل آهن؟

ج: ٥٢٤٢ حرف

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج: پنجيتاليهون نمبر

س: هن سورة ۾ ڪهڙي مقام تي غلط پڙهڻ سان ڪفر صادر ٿيندو آهي؟

ج: آيت ١٢١ (وَعَصىٰ آدَمُ رَبَّهٗ) رَبَّهٗ جي ب تي پيش پڙهڻ سان.

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : حرف "ي" تي

# سورة انبياء

س : هن سورة جو نالو انبياء ڇو رکيو ويو آهي؟

ج : ڇو ته هن سورة ۾ گهٽ نبين جو ذکر آهي.

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ١٧ سيپاري ۾ آهي.

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿيئي ٿي؟

ج : حرف "الف" سان

س : ترتيب نزولي جي اعتبار سان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٧٣ نمبر اٿس.

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف اٿس؟

ج : ٤٨٩٠ حرف اٿس.

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : حضور سائين جن جي مڪي زندگي جي وچ واري دور ۾.

س : هن سورة ۾ ڪهڙي پيغمبر جو ذڪر سڀ کان پهرين آيو آهي؟

ج : حضرت ذوالڪفل

س : هن سورة ۾ حضور سائين جن کي ڪهڙو لقب عطا ٿيو؟

ج : رحمة للعالمين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : حضرت ادريس عليه السلام جو ذڪر قرآن شريف ۾ ڪن جڳهن تي آيو آهي. ١- سورة مريم ۽ ٻيو ڪٿي آيو آهي؟

ج : سورة الانبياء

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف "ن" تي.

## سورة حج

س : هن سورة جو نالو ڪهڙي فقري مان ورتل آهي؟

ج : وَاَذِّنْ فِي النَّاسِ بِالْحَجِّ.

س : هن سورة جو اهو نالو ڇو رکيو ويو؟

ج : ڇو ته حج اسلام جو هڪ بنيادي رڪن آهي.

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ١٧ سيپاري ۾ آهي.

س : ترتيب نزولي جي اعتبار سان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ١٠٣ نمبر

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٥٥٧٥ حرف اٿس.

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مديني جي آخري دور ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج: حرف "ي" سان

س: هن سورة ۾ قرآن شريف جو ڪهڙو سجدو آهي؟

ج: ڇهون سجدو.

س: رڪوعن جي اعتبار سان هي ڪهڙي نمبر تي سورة آهي؟

ج: ڏهين نمبر تي.

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج: حرف "م" تي

## سورة مؤمنون

س: هن سورة جو نالو "مؤمنون" ڇو رکيو ويو آهي؟

ج: هي علامتي نالو هي.

س: هن سورة جو نالو ڪهڙي آيت جي ڪهڙي لفظ مان ورتل آهي؟

ج: قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ جيڪا پهرين آيت آهي.

س: هي سورة ڪهڙي حرف کان شروع ٿئي ٿي؟

ج: حرف "ق" کان

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: ارڙهين سيپاري ۾

س: ترتيب نزولي مطابق هن جو ڪهڙو نمبر آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ٧٤ نمبر اٿس.

س: ٻڌايو ته هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ٤٨٠٢ حرف

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : مڪي جي آخري دور ۾

س: لفظ "مؤمنون" جي لفظي معنيٰ ڇا آهي ؟

ج : يقين رکڻ وارا

س: رکوع جي لحاظ کان هي سورة ڪهڙي نمبر تي آهي ؟

ج : ٻارهون نمبر

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف "ن" تي

## سُورة نور

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙي لفظ سان ٿئي ٿي ؟

ج : لفظ "سُوْرَةٌ" سان

س: هن سورة ۾ ام المؤمنين حضرت عائشه صديقه جي ڪهڙي صفت جو ذڪر ڪيو ويو آهي ؟

ج : سندس پاڪدامني جو.

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ۱۸ سيپاري ۾

س: هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج : ۴۱۰۶ حرف

س: هي ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : سن ۵ ۽ سن ٦ هجري ۾

س: رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي

ج : ٨ ( اٺون نمبر)

س: هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج : چوٿين منزل ۾

س : هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿيو؟

ج : حرف م ' تي.

## سورة فرقان

س : لفظ " فرقان" جي لفظي معنيٰ ڇا آهي؟

ج : نيڪي ۽ بدي ۾ فرق ڪندڙ.

س: هن سورة جو نالو ڪهڙي آيت مان ورتل آهي؟

ج : تَبٰرَكَ الَّذِىْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ (پهرين آيت

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ۱۸ ۽ ۱۹ سيپاري ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : قرآن شريف جي ڪهڙي منزل هن سورة تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : چوٿين منزل

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي ؟

ج. لفظ "ت" سان

س : هن سورة ۾ سورة رعد ۾ ڪهڙي ڳالهه هڪجهڙي آهي؟

ج : ٻنهي ۾ ڇهه ڇهه رڪوع ۽ ٻنهي ۾ هڪ هڪ سجدو آهي.

س : هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٣٢٠٣ حرف

س : هن سورة ۾ ڪهڙو سجدو آهي ؟

ج. ستون سجدو

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : "الف" تي

## سورة شعرآء

س : هن سورة جو نالو ڪهڙي جملي مان ورتل آهي ؟

ج : وَالشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ ۞

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ١٩ سيپاري ۾ آهي

س : ترتيب نزولي جي اعتبار کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ڇويھون نمبر

س : قرآن شريف ۾ پنجين منزل ڪٿان شروع ٿئي ٿي ؟

ج : سورة الشعراء کان

س : هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ٥٥٤٠ حرف

س : هن سورة ۾ حضرت صالح عليه السلام جي ڪهڙي معجزي جو ذڪر آهي ؟

ج : ڏاچيءَ جي معجزي جو.

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : مڪي دور جي آخر ۾ نازل ٿي جڏهن ته آيات ٢٢٤ کان ٢٢٧ تائين مديني ۾ نازل ٿي.

س : آيتن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي ؟

ج : ٻيو نمبر

س : هي سورة ڪهڙن حرفن سان شروع ٿئي ٿي ؟

ج : طسم

# سورة نمل

س : ٻڌايو ته " نمل " جي لفظي معنيٰ ڇا آهي ؟

ج : ماڪوڙي

س : هن سورة ۾ ڪيترا ڀيرا بسم الله آيل آهي ؟

ج : ٻه ڀيرا

س : هن سورة حضرت سليمان عليه السلام جو ذڪر ڪيترا ڀيرا آيو آهي ؟

ج : ست ڀيرا

س : حضرت داؤد عليه السلام جو ذڪر ڪيترا ڀيرا آيو آهي ؟

ج : ٻه ڀيرا

س : هن سورة ۾ ڪهڙي راڻي جو ذڪر آيل آهي ؟

ج : راڻي سبا بلقيس جو

س : هن سورة جو نالو "نمل" ڇو رکيو ويو ؟

ج : ڇو ته هن ۾ ماڪوڙي جو ذڪر آهي .

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : مڪي دور جي وچين حصي ۾

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

ج : ١٩ ۽ ٢٠ سيپاري ۾ .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هن سورة جو گهڻو حصو ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ١٩ سيپاري ۾.

س : هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٣٧٩٩ حرف آهن.

## سورة قصص

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرفن سان ٿئي ٿي؟

ج : طٰسٓمٓ

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٠ سيپاري ۾

س : هن سورة ۾ ڪهڙي پيغمبر جو تفصيل سان قصو بيان ٿيل آهي؟

ج : حضرت موسىٰ عليه السلام جو

س : هن سورة ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام جو ذڪر ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

ج : ١٧ ڀيرا

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٥٨٠٠ حرف

س : هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ج : پنجين منزل ۾

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٤٩ هون نمبر

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جي آخري دور ۾ جڏهن ته آيت ٨٥ هجرت جي وقت ۽ آيات ٥٢ کان ٥٥ مديني ۾ نازل ٿيون.

## سورة عنڪبوت

س : هي سورة ڪهڙن حرفن سان شروع ٿئي ٿي؟

ج : الــم سان

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٠ ۽ ٢١ سيپاري ۾

س : هن سورة جو گهڻو حصو ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٠ سيپاري ۾

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٨٥ نمبر

س : هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج : پنجين منزل ۾

س : هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ٤١٦٥ حرف

س : عنڪبوت لفظ جي ڇا معنيٰ آهي ؟

ج : ڪوري پڙو

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : مڪي زندگي جي آخري دور ۾ نازل ٿي.

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف "ن" تي.

## سورة رُوم

س : هي سورة ڪهڙن حرفن سان شروع ٿئي ٿي ؟

ج : الٓمٓ

س : هن سورة جو نالو ڪٿان ورتو ويو ؟

ج : پهرين آيت جي لفظ غُلِبَتِ الرُّومُ مان.

س : اها ڪهڙي واحد سورة آهي جيڪا هڪ شهر جي نالي تي آهي ؟

ج : سورة روم

س : هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي ؟

ج : پنجين منزل ۾

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ٨٤ نمبر

س : هن سورة ۾ ڪذ ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٣٥٣٤ حرف

س : هي ڪهڙي سيپاري ۾ سورة آهي؟

ج : ٢١ سيپاري ۾

س : هي سورة ڪهڙي دور ۾ نازل ٿي؟

ج : مڪي دور جي وچين دور ۾.

س : رڪوعن جي تعداد جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : يارهون نمبر

س : هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿو؟

ج : حرف "ن" تي

## سورة لقمان

س : هن سورة جو نالو "لقمان" ڇو رکيو ويو؟

ج : ڇو ته هن سورة ۾ اهي نصيحتون نقل ڪيون ويون آهن جيڪي حضرت لقمان پنهنجي پٽ کي ڪيون هيون.

س : هن سورة ۾ حضرت لقمان جو نالو ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

ج : ٻه ڀيرا

س : هي سورة ڪهڙن حرفن سان شروع ٿئي ٿي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : الــمّ

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢١ سيپاري ۾

س: ٻڌايو ته هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٢١١٠ حرف

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جي وچين دور ۾ (٢٨ - ٢٧ آيتون مديني ۾ نازل ٿيون)

س: رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ٽيرهون نمبر

س: هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج : پنجين منزل ۾ -

## سورة سجده

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢١ سيپاري ۾

س : هي سورة ڪهڙن حرفن سان شروع ٿئي ٿي؟

ج : الــمّ

س: هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ١٥١٨ حرف

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٧٥ هون نمبر

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جي وچين دور ۾

س : هن سورة ۾ ڪهڙو نمبر سجدو آهي ؟

ج : نائون سجدو

س : رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : چوڏهون

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف "ن" تي

## سورة احزاب

س : ٻڌايو ته "احزاب" جي معنيٰ ڇا آهي؟

ج : لشڪر (فوج)

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

ج : ٢١ ۽ ٢٢ سيپاري ۾

س : هن سورة جو گهڻو حصو ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٢ سيپاري ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هن سورة ۾ حضور صلي الله عليه وسلم کي ڪهڙي لقب سان سڏيو ويو آهي؟

ج : خاتم النبيين

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٥٧٩٠ حرف

س : ترتيب نزولي جي اعتبار کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٩٠ نمبر

س : هن سورة ۾ ڪهڙن غزون جو ذڪر ڪيل آهي؟

ج : غزوه خندق ۽ غزوه بني قريظه

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : ٥ هجري جي آخر ۾ ٧ هجري جي آخر تائين.

س : هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿو؟

ج : حرف "الف" تي.

## سورة سبا

س : ٻڌايو ته "سبا" جو علائقو ڪهڙي ملڪ ۾ آهي؟

ج : يمن ۾

س : اهل سبا جي نافرماني تي ڪهڙو الله جو عذاب آيو؟

ج : سيلاب جو عذاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: ٢٢ سيپاري ۾

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج: ٥٨ هون نمبر

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٣١٢، ٥ حرف

س: هن سورة ۾ حضرت داؤد ع جو ذڪر ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

ج: ٻه ڀيرا

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج: مڪي زندگيءَ جو شروعاتي دور ۾

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف کان ٿئي ٿي؟

ج: "الف" سان

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج: حرف "ب" تي.

## سورة فاطر

س: ٻڌايو ته لفظ "فاطر" جي معنيٰ ڇا آهي؟

ج: پيدا ڪرڻ وارو

س: ٻڌايو ته هن سورة جو ٻيو نالو ڇا آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : سورة " ملائڪة"

س : هن سورة جي ڪهڙي آيت ۾ حضور صلى الله عليه وسلم جن
کي "بشيراً ونذيراً" چيو ويو آهي؟

ج : آيت ٢٤ ۾

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٢ سيپاري ۾

س : هي سورة ڪهڙي حرف سان شروع ٿئي ٿي؟

ج : "الف" سان

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٣١٣٠ حرف

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جي شروعاتي دور ۾

س : هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿو؟

ج : حرف "الف" تي.

## سورة يٰسٓ

س : قرآن شريف جي "دل" ڪهڙي سورة کي چيو ويو آهي؟

ج : سورة يٰسٓ

س : حضور صلعم کي ڪهڙي سورة ۾ "يٰسٓ" جي نالي جو خطاب ڪيو ويو آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : سورة يٰسٓ جي آيت پهرين ۾

س : تڪليف جي وقت ڪهڙي سورة جي خصوصيت سان تلاوت ڪئي ويندي آهي ؟

ج : سورة يٰسٓ جي

س : هجرت جي وقت حضور صلعم جن ڪهڙي سورة جي تلاوت ڪري ، هيا هئا ؟

ج : سورة يٰسٓ

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

ج : ٢٢ ۽ ٢٣ سيپاري ۾

س : هن سورة جو گهڻو حصو ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

ج : ٢٣ سيپاري ۾ .

س : ترتيب نزولي جي اعتبار کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي ؟

ج : ٤١ نمبر

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ٣٠٠٠ حرف

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف " ن " تي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سورة صٰفّٰت

س: ٻڌايو ته "صٰفّٰت" جي لفظي معنىٰ ڇا آهي؟

ج: صفون ٻڌڻ وارا

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: ٢٣ سيپاري ۾.

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٣٨٢٦ حرف

س: قرآن شريف جي ڪهڙي منزل جو آغاز هن سورت کان ٿئي ٿو؟

ج: ڇهين منزل جو

س: هيءَ سورت ڪڏهن نازل ٿي؟

ج: مڪي زندگي جي وچين دور ۾.

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪيترون نمبر آهي؟

ج: ٥٦ سورت

س: هن سورة ۾ حضرت الياسؑ جو ذڪر ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

ج: ٻه ڀيرا

س: هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿو؟

ج: حرف "ن" تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سورة صٓ

س : هن سورة جو نالو ڪٿان ورتل آهي؟

ج : شروع جي ٿي حرف ”صٓ“ کي سورة جو نالو قرار ڏنو ويو آهي.

س: قرآن شريف جو ڪهڙو سجدو هن سورة ۾ آهي؟

ج : ڏهون سجدو

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٣ سيپاري ۾

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٣٠٦٧ حرف

س: هن سورة ۾ ڪهڙي پيغمبر جو وڌيڪ ذڪر آيل آهي؟

ج : حضرت داؤد عليہ السلام جو

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جي وچين دور ۾

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٣٨ نمبر

س : هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿو؟

ج : ”ن“ حرف سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سورة زمر

س : ٻڌايو ته "زمر" جي لغظي معنيٰ ڇا آهي؟

ج : گروهه

س: هن سورة جو ڪهڙي آيت مان ورتل آهي؟

ج : وَسِيۡقَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِلٰى جَهَنَّمَ زُمَرًا ؕ

س : هي سورة ڪهڙن سيپارن ۾ آهي؟

ج : ٢٣ ۽ ٢٤ سيپاري ۾

س: هن سورة جو گهڻو حصو ڪهڙي سيپاري ۾ آهي

ج : ٢٤ سيپاري ۾.

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي

ج : ٥٩ نمبر

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ۴٩٠٨ حرف

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جي ڇهين دور ۾ ڪن مؤرخين جي مطابق آيت ٥٣ ۽ ٥٤ مديني ۾ نازل ٿيون.

س: هن سورة جو آغاز ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿو؟

ج : حرف "ت" سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هيءَ سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف ”ن“ تي۔

## سورة مؤمن

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙن حرفن سان ٿئي ٿي؟

ج : حٰمٓ

س : حٰمٓ سان قرآن شريف جون ڪيتريون سورتون شروع ٿين ٿيون؟

ج : ست سورتون. ( المؤمن - حٰمٓ سجده - شوريٰ زخرف - دخان - جاثيه - احقاف )

س : هن سورة جو نالو ڪهڙي آيت مان ورتل آهي؟

ج : وَقَالَ رَجُلٌ مُّؤْمِنٌ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ

س : هيءَ سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٤ سيپاري ۾

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٤٩٦٠ حرف

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ٦٠ نمبر

س : هيءَ سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج: مڪي زندگيءَ جي وچين دور ۾

س: رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج: ٩ نمبر

س: هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج: ڇهين منزل ۾

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج: حرف "ن" تي.

## سورة حم السجده

س: هن سورة جي نالي جي وجه تسميه بيان ڪريو؟

ج: هن سورة جو نالو علامتي آهي ۽ هي ٻن لفظن جو مرڪب آهي.

س: هن سورة جا ٻيا نالا ٻڌايو؟

ج: سورة فُصِّلَتْ ۽ سورة مصابيح

س: هي سورة ڪهڙن ٻن سيپارن ۾ آهي؟

ج: ٢٤ ۽ ٢٥ سيپاري ۾

س: هن سورة جو گهڻو حصو ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: ٢٤ سيپاري ۾

س: هن سورة ۽ سورة سباء ۾ ڪهڙيون ڳالهيون هڪ


Scanned with CamScanner

جهڙيون آهن؟

ج: بنهي ۾ ٥٤ آيتون آهن - بنهي ۾ ٦ رڪوع آهن ۽ ٻئي مڪي سورتون آهن.

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج: ٦١ نمبر

س: هن سورة ۾ ڪهڙو نمبر سجدو آهي؟

ج: ١١ هون سجدو

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٣٣٥٠ حرف

س: رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج: ٻارهون نمبر

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج: حرف "ط" تي

## سُورةشُورَىٰ

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙن ٻن حروف مقطعات سان ٿيئي ٿي؟

ج: حٰمٓ ۽ عٓسٓقٓ سان

س: هي سورة ڪهڙي سيپارې ۾ آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج: ٢٥ سيپاري ۾.

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج: ٦٢ هون نمبر

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٣٥٨٨ حرف

س: هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج: ڇهين منزل ۾

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج: مڪي زندگي جي وچين دور ۾

س: رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج: ٻارهون نمبر

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج: حرف "ر" تي.

## سورة زخرف

س: ٻڌايو ته "زخرف" جي لفظي معنيٰ ڇا آهي؟

ج: ٢ رائش - زينت

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: ٢٥ سيپاري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙن حرف مقطعات سان ٿئي ٿي؟

ج : حٰمٓ

س : هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج : ڇهين منزل ۾

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٣٤٠٠ حرف

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٦٣ نمبر

س : هن سورة ۾ حضرت عيسىٰ ؑ کي هڪ جڳهه نالي مبارڪ عيسىٰ سان سڏيو ويو آهي، هنڌان کي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويو آهي؟

ج : ان جي ڪنيت ابن مريم سان.

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جو وچون دور.

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف ”ن“ ”ي“.

## سورة دخان

س : پڙهايو ته لفظ دخان جي ڇا معنيٰ آهي؟

ج : دونهون.



Scanned with CamScanner

س: هن سورة جو نالو ڪهڙي مان ورتل آهي؟

ج: يَوْمَ تَأْتِي السَّمَآءُ بِدُخَانٍ مُّبِيْنٍ.

س: هن سورة ۾ حضور صلى الله عليه وسلم کي ڪهڙي لقب سان سڏيو ويو آهي؟

ج: ”امين“

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙن حرف مقطعات سان ٿئي ٿي

ج: حٰمٓ سان

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: ٢٥ سيپاري ۾

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج: ١٤٣١ حرف

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آ

ج: ٦٤ نمبر

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج: مڪي زندگي جي وچين دور ۾

س: هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج: ڇهين منزل ۾.

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج: حرف ”ن“ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سورة جاثيه

س: ٻڌايو ته ”جاثيه“ جي معنيٰ ڇا آهي؟

ج: گوڏن ڀر ويهڻ کي جاثيه چئبو آهي.

س: هن سورة جو نالو ڪهڙي آيت مان ورتل آهي؟

ج: وَتَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً ۔

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙن حرف مقطعات سان ٿئي ٿي؟

ج: حٰمٓ

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: ٢٥ سيپاري ۾ آهي.

س: ٻڌايو ته ٢٥ سيپارو ڪهڙي سورة تي ختم ٿئي ٿو؟

ج: سورة جاثية تي

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج: ٦٥ نمبر

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٢١٩١ حرف

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج: مڪي زندگي جي وچين دور ۾

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ج : حرف "ھ" تي .

## سورة احقاف

س : ھن سورة جو آغاز ڪھڙن حرف مقطعات سان ٿئي ٿو ؟

ج : حٰمٓ

س : ھي سورة ڪھڙي سيپاري ۾ آھي ؟

ج : ٢٦ سيپاري ۾

س : ھي سورة ڪھڙي منزل ۾ آھي ؟

ج : ڇھين منزل ۾

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان ھن سورة جو نمبر ڪھڙو آھي ؟

ج : ٦٦ نمبر

س : ھي سورة ڪڏھن نازل ٿي ؟

ج : مڪي زندگي جي ڇھين دور ۾ - (آيت نمبر ١٠، ١٥، ١٨ ۽ ٣٥ مديني ۾ نازل ٿيون .

س : رڪوعن جي لحاظ کان ھن سورة جو نمبر ڪھڙو آھي ؟

ج : ٽيرھون نمبر

س : ھن سورة جو اختتام ڪھڙي حرف تي ٿئي ٿو ؟

ج : حرف " ن " تي

✱

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سورة محمّد

س: سورة محمّد جو ٻيو نالو ڇا آهي؟

ج: سورة قتال

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج: حرف "الف" سان

س: ڇا اهو صحيح آهي ته هن سورة جو نالو حضور عليه السلام جي نالي تي آهي؟

ج: هائو.

س: هن سورة ۾ لفظ "محمّد" ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

ج: صرف هڪ ڀيرو

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: ٢٦ سيپاري ۾

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٢٤٢٥ حرف

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج: ٩٥ نمبر

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج: ١ يا ٢ هجري ۾ - آيت ١٨ هجرت دوران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج: حرف "م" تي

## سورة فتح

س: هن سورة ۾ صلح حديبيه جي واقعي کي ڇا قرار ڏنو ويو آهي.

ج: فتح مبين

س: هن سورة جو نالو علامتي آهي يا موضوعاتي؟

ج: موضوعاتي آهي.

س: هن سورة ۾ حضور سائين جو نالو ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

ج: هڪ ڀيرو

س: ڪهڙي آيت ۾ نالو آيو آهي؟

ج: آيت نمبر ٢٩ ۾

س: هن سورة جو نالو ڪهڙي آيت ۾ آيو آهي؟

ج: اِنَّا فَتَحۡنَا لَكَ فَتۡحًا مُّبِيۡنًا.

س: هن سورة جو آغاز ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿو؟

ج: حرف "الف" سان

س: هي سورة ڪهڙي سپاري ۾ آهي؟

ج: ٢٦ سيپاري ۾

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ١١١ نمبر

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٢٥٥٩ حرف

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف ”الف“ تي

## سورة حجرات

س : پڌايو ته ”حجرات“ جي معنيٰ ڇا آهي؟

ج : حجرا - گهر - مڪان - ڪمرا

س : هن سورة جو نالو ڪهڙي آيت مان ورتل آهي؟

ج : إِنَّ الَّذِينَ يُنَادُونَكَ مِن وَرَاءِ الْحُجُرَاتِ أَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُونَ.

س : هي سورة ڪهڙي حرف سان شروع ٿئي ٿي؟

ج : حرف ”ي“ سان

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٦ سيپاري ۾

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ١٤٧٦ حرف

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ١٠٦ نمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س: هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي ۽ اها ڪٿي ختم ٿئي ٿي؟

ج: ڇهين منزل. جيڪا هن سورة تي ختم ٿئي ٿي.

س: هن سرة جو دور نزول ڪهڙو آهي؟

ج: ٩ هجري

س: هن سورة جي پڇاڙي ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿي؟

ج: حرف "ن" تي

## سورة ق

س: ٻڌايو ته هن سورة جو موضوع ڇا آهي؟

ج: آخرت

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج: ق سان

س: سورة ق ۽ سورة فاطر ۾ ڪهڙي ڳالھ مشترڪ آهي؟

ج: ٻئي مڪي سورتون آهن. ٻنهي جون ٥٤ آيتون
آهن ۽ ٻئي سيپاري جون آخري پورتيون سورتون آهن.

س: هن سورة کان ڪهڙي منزل شروع ٿئي ٿي؟

ج: ستين منزل

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج: ٣٤ نمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ١٢٩٢ حرف

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج . مڪي زندگي جي وچين دؤر ۾

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

ج : ٢٦ سيپاري ۾

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف " د " تي.

## سورة ذاريات

س : هن سورة جو نالو ڇو رکيو ويو آهي ؟

ج : هن سورة جو نالو علامتي آهي.

س : هي سورة ڪهڙي حرف کان شروع ٿئي ٿي ؟

ج : حرف " و " سان

س : هي سورة ڪهڙن ٻن سيپارن ۾ آهي ؟

ج : ٢٦ ۽ ٢٧ سيپاري ۾

س : هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي ؟

ج : ستين منزل ۾

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ٦٧ نمبر

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ١٢٣٩ حرف

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جي شروعاتي دور ۾.

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف "ن" تي.

# سورة طور

س : هن سورة جو نالو ڪهڙي پهرين لفظن ورتل آهي؟

ج : والطُّورِ

س : هن سورة جو آغاز ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿو؟

ج : حرف "و" سان

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٧ سيپاري ۾

س : هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج : ستين منزل ۾ آهي.

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ١٥٠٠ حرف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڇا آهي؟

ج : ٧٦ نمبر

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جي شروعاتي دور ۾

س : رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ١٥ نمبر

س : هن سورة جو ڪهڙي حرف تي اختتام ٿئي ٿو؟

ج : حرف ”م“ تي

## سورة نجم

س : پڙهايو ته ”نجم“ جي لفظي معنیٰ ڇا آهي؟

ج : ستارو

س : هن سورة ۾ ڪهڙي قوم جي هلاڪت جو ذڪر آهي؟

ج : قوم عاد اول

س : ان قوم ڏي ڪهڙي نبي کي موڪليو ويو؟

ج : حضرت هود عليه السلام کي

س : هن سورة جو نالو ڪٿان ورتل آهي؟

ج : پهرين ئي لفظ ”والنجم“ مان

س : اهو نالو علامتي آهي يا موضوعاتي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : علامتي

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

ج : ٢٧ سيپاري ۾ آهي.

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ٢٣ نمبر

س : ڪهڙي حرف سان هن سورة جي شروعات ٿئي ٿي ؟

ج : حرف " و " سان

س : هي سورة ڪيترن حرفن تي مشتمل آهي ؟

ج : ١٤٠٥ حرفن تي.

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف " الف " تي

## سورة قمر

س : ٻڌايو ته لفظ " قمر " جي ڇا معنىٰ آهي ؟

ج : چنڊ

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

ج : ٢٧ سيپاري ۾ آهي.

س : ڪهڙي حرف سان هن سورة جو آغاز ٿئي ٿو ؟

ج : حرف " الف " سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س . ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ٣٠ نمبر

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ١٦٣٣ حرف آهن .

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : مڪي زندگي جي شروعاتي دور ۾

س : رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ١٤ نمبر

س : هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿو؟

ج : حرف "ر" تي .

## سورة رحمان

س : پڙهايو ته "عروس القرآن" ڪهڙي سورة کي

سڏيو ويندو آهي ؟

ج : سورة رحمان کي .

س : هن سورة ۾ الله تعالى انسان کان سواءِ ٻئي ڪهڙي مخلوق

جو ذڪر ڪيو آهي؟

ج : جنن جو

س . ڪهڙي سورة ۾ الله تعالى پنهنجي نعمتن جو بار بار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذڪر ڪيو آهي؟

ج: سورة رحمان ۾

س: هن سورة جو نالو موضوعاتي آهي يا علامتي؟

ج: موضوعاتي.

س: ٻڌايو ته هن سورة کي ٻئي ڪهڙي لقب سان سڏ ســو ويندو آهي؟

ج: "زينت القرآن" جي لقب سان

س: ترتيب نزولي جي لحاظ سان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج: ٩٧ نمبر

س: هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج: ١٦٣٦ حرف

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج: حرف "ميم" تي

## سورة واقعه

س: هن سورة جو ٻيو ڪهڙو نالو آهي؟

ج: سورة الغني

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: ٢٧ سيپاري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هن سورة جو آغاز ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿو ؟

ج : حرف ”الف“ سان

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ١٧٠٣ حرف

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ٤٦ نمبر

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جي شروعاتي دور ۾

س : رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ١٣ نمبر

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف ”م“ تي.

## سورة حديد

س : ٻڌايو ته ”حديد“ جي معنيٰ ڇا آهي؟

ج : لوهه

س : هن سورة جو آغاز ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿو؟

ج : حرف ”س“ سان

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : ٢٧ سيپاري ۾

س : ٢٧ سيپاري جي آخري سورة جو نالو ٻڌايو؟

ج : سورة حديد

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ٩٤ نمبر

س : هن سورة جو نالو ڪهڙي فقري مان ورتو ويو آهي؟

ج : وَاَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ .

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : ٨ هجري يا ٩ هجري ۾

س : رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ١٣ نمبر

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف " م " تي .

## سورة مجادله

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج : حرف " ق " سان

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٨ سيپاري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ١٢٩٢ حرف

س : هن سورة ڪهڙو نمبر سجدو آهي ؟

ج : ڪو بہ سجدو ڪونهي .

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ١٠٥ نمبر

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف ”ن“ ٿئي

## سورة حشر

س : ٻڌايو تہ ”حشر“ لفظ جي ڇا معنيٰ آهي ؟

ج : جلا وطن ڪرڻ

س : هن سورة ۾ ڪهڙي يهودي قبيلي جي مديني مان جلاوطني ڏي اشارو ڪيو ويو آهي ؟

ج : قبيلہ بنو نضير

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

ج : ٢٨ سيپاري ۾ آهي

س : هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿو ؟

ج : حرف ”م“ ٿئي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي

ج : ١٠١ نمبر

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ١٩١٣ حرف

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : ٤ هجري ۾

س : هن سورة ۾ ڪهڙي غزوي جو ذڪر ڪيل آهي ؟

ج : غزوه بنو نضير

س : هن سورة ۾ اها ڪهڙي جاءِ آهي جتي ٿوري غلطي ڪفر جو درجو رکي ٿي ؟

ج : آيت نمبر ٢٤ اَلْمُصَوِّرُ جي واوَ تي زبر پڙهڻ سان.

## سورة ممتحنه

س : ٻڌايو ته "ممتحنه" جي لغوي معنيٰ ڇا آهي ؟

ج : اها عورت جنهن جو امتحان ورتو وڃي.

س : هن سورة جو آغاز ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿو ؟

ج : حرف "يٰ" سان

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي ؟

ج : ٢٨ سيپاري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٩١ نمبر

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ١٥١٠ حرف

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : ٨ هجري ۾

س : رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ١٥ نمبر

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿيئي ٿي؟

ج : حرف "ر" تي.

## سورة صف

س : ٻڌايو ته هن سورة جو نالو ڪهڙي فقري مان ورتل آهي؟

ج : يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِهٖ صَفًّا

س : هن سورة ۾ حضور سائين جو ڪهڙو نالو مبارڪ آيو آهي؟

ج : احمد ﷺ

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٨ سيپاري ۾

س : هي سورة ڪهڙي حرف سان شروع ٿئي ٿي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج: حرف "س" سان

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج: ١٠٩ نمبر

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٩٠٠ حرف

س: حضرت موسىٰ عہ جو نالو هن سورة ۾ ڪيترا ڀيرا آيو آهي؟

ج: صرف هڪ ڀيرو

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج: مدني زندگي جي وچين دور ۾

س: هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿو؟

ج: حرف "ن" تي.

## سورة جمعة

س: هن سورة جو ڪهڙي فقري مان ورتل آهي؟

ج: إِذَا نُودِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج: حرف "ي" سان

س: هن سورة ۾ ڪهڙي نماز جا حڪم بيان ڪيا ويا آهن؟

ج: جمعي جي نماز جا


Scanned with CamScanner

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ٧٢٠ حرف

س : هن سورة جو علامتي نالو آهي يا موضوعاتي ؟

ج : موضوعاتي

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : ٢ هجري ۽ ٣ هجري جي وچ ۾ جڏهن ته ٩-١٠ ۽ ١١ آيتون هجرت دوران نازل ٿيون. جڏهن پاڻ سڳورا مديني ۾ داخل ٿيڻ وارا هئا.

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ١١٠ نمبر

س : هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿو ؟

ج : حرف ” ن “ تي.

## سورة منافقون

س : هن سورة جو نالو ڪهڙي آيت مان ورتل آهي ؟

ج : پهرين ئي آيت جي فقري إِذَا جَاءَكَ الْمُؤْمِنُونَ مان.

س : هن سورة ۾ ڪن ماڻهن جي طرز عمل تي تبصرو ڪيو ويو آهي؟

ج : منافقن جو

س : هي سورة ڪهڙي حرف سان شروع ٿئي ٿي ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : حرف " الف " سان

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ١٠٤ نمبر

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : ٤ هجري ۾

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ٩٧٦ حرف

س : هن سورة کان سواءِ ٻي ڪهڙي سورة جنهن ۾ ٻه رڪوع

۽ آيتون ١١ آهن - ١ هي ٻئي مدني آهن - ستين منزل

۾ آهن ۽ ٻئي ٢٨ سيپاري ۾ آهن ؟

ج : سورة جمعة

س : هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿو؟

ج : حرف " ن " تي .

## سورة تغابُن

س : ٻڌايو ته لفظ تغابن جي لغظي معنيٰ ڇا آهي ؟

ج : نقصان ڪٽڻ وارو

س : هن سورة جو نالو علامتي آهي موضوعاتي ؟

ج : علامتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هن سورة جو ذالو ڪهڙي فقري مان ورتل آهي؟

ج : ذالِكَ يوم التغابن

س : هي سورة ڪهڙي حرف سان شروع ٿئي ٿي؟

ج : حرف "ي" سان

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٨ سيپاري ۾

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ١٠٧٠ حرف

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ١٠٨ نمبر

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : ١ هجري ۾

س : هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿو؟

ج : حرف "م" تي.

## سورة طلاق

س : هن سورة کي ٻئي ڪهڙي نالي سان سڏيو ويندو آهي؟

ج : ننڍي سورة نساء

س : هن سورة کي "سورة النسآء الصغرىٰ" جو نالو ڪنهن ڏنو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ج : حضرت عبد الله بن مسعود رضه

س : ڇا هن سورة ۾ طلاق متعلق احڪام ڏنل آهن ؟

ج : هائو

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج : حرف "ي" سان

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ١٠٦٠ حرف

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ٩٩ نمبر

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : ٤ ھ هجري ۾

س : رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي ؟

ج : ١٥ نمبر

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف "الف" تي.

## سورة تحريم

س : هن سورة موضوع علامتي آهي يا موضوعاتي؟

ج : علاماتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

س : هن سورة جو نالو ڪهڙي فقري مان ورتل آهي؟

ج : پهرين ئي آيت جي فقري لِمَ تُحَرِّمُ مان .

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج : حرف "ي" سان

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٨ سيپاري ۾

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڇا آهي؟

ج : ١٠٧ نمبر

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي ؟

ج : قوي روايتن مطابق هي سورة مديني ۾ نازل ٿي؟

س : هن سورة ڪل ڪيترا حرف آهن ؟

ج : ١٠٦٠ حرف

س : هڪ هزار سٺ حرفن واري ٻي ڪهڙي سورة آهي؟

ج : سورة الطلاق

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف "ن" تي.

## سورة مُلڪ

س : ٻڌايو ته لفظ مُلڪ جي معنيٰ ڇا آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ج : بادشاهي يا اقتدار اعلیٰ

س: هن سورة جو نالو پهرين آيت جي ڪهڙي فقري مان ورتل آهي؟

ج : تَبٰرَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج : حرف ”ت“ سان

س: هن سورة سان ڪهڙو سيپارو شروع ٿئي ٿو؟

ج : ٢٩ سيپارو

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ٧٧ نمبر

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ١٣١٣ حرف

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جي وچين دور ۾.

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا رڪوع آهن؟

ج : ٢ رڪوع

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف ”ن“ تي

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سورة قلم

س : هن سورة جو ٻيو نالو ڇا آهي؟

ج : سورة نٓ

س : هن سورة جو ٻيو نالو سورة نٓ ڇو رکيو ويو آهي؟

ج : ڇوته ان جي شروعات (نٓ) سان ٿئي ٿي.

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٩ سيپاري ۾

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ٢ نمبر

س : هن سورة ۾ ڪيترا حرف آهن؟

ج : ١٢٥٦ حرف آهن.

س : هن سورة جو نالو ڪهڙي فقري مان ورتل آهي

ج : نٓ والقلم وما يسطرون

س : رڪوعن جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج : ١٥ نمبر

س : هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج : حرف "ن" تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سورة حاقة

س : پڙهايو ته لفظ "حاقه" جي ڇا معنيٰ آهي؟

ج : سچ پچ ٿيڻ واري (حقيقت)

س : هن سورة جو نالو ڪٿان ورتو ويو آهي؟

ج : پهرين ٻئي آيت جي لفظ "اَلۡحَآقَّةُ"

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙي لفظ سان ٿئي ٿي؟

ج : حرف "الف" سان

س : هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج : ٢٩ سيپاري ۾.

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي

ج : ٧٨ نمبر

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي دور جي وچين دور ۾.

س : هي سورة ڪيترن حرفن تي مشتمل آهي؟

ج : ٢٤٢٣ حرف

س : هن سورة جو اختتام ڪهڙي حرف تي ٿئي ٿو؟

ج : حرف "م" ستي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سورة معارج

س: ٻڌايو ته لفظ "معارج" جي معنيٰ ڇا آهي؟

ج: درجا

س: هن سورة جو موضوع ڇا آهي؟

ج: آخرت ۽ نماز جو ذڪر.

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج: حرف "س" سان

س: هيءَ سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: ٢٩ سيپاري ۾

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڪهڙو آهي؟

ج: ٧٩ نمبر

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٩٣٦ حرف

س: هيءَ سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج: مڪي زندگي جي شروعاتي دور ۾

س: هيءَ سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج: حرف "ن" تي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سورة نوح

س: هن سورة جو موضوع ڇا آهي؟

ج: حضرت نوح عليه السلام جو قصو.

س: هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج: حرف "الف" سان

س: هي سورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

ج: ٢٩ سيپاري ۾

س: هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج: ستين منزل ۾

س: هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج: ٩٩٩ حرف

س: ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو نمبر ڇا آهي؟

ج: ٧١ نمبر

س: هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج: مڪي زندگي جي شروعاتي دور ۾ (جڏهن ته ڪن مؤرخين وچون دور ٻڌايو آهي؟

س: هن سورة ۾ ڪهڙن بتن جو ذڪر ڪيل آهي؟

ج: يغوث، يعوق، سواع، نسر، ود

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي؟

ج: حرف "الف" تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سورة جن

س : هن سورة ۾ ڪهڙي مخلوق جي قرآن ٻڌي پنهنجي قوم ۾ اسلام جي تبليغ ڪرڻ جو ذڪر آهي؟

ج : جنن جو

س : ٻڌايو ته هن سورة جو نالو علامتي آهي يا موضوعاتي؟

ج : موضوعاتي.

س : هن سورة جي شروعات ڪهڙي حرف سان ٿئي ٿي؟

ج : حرف "ق" سان

س : هي سورة ڪهڙي منزل ۾ آهي؟

ج : ستين منزل ۾

س : ترتيب نزولي جي لحاظ کان هن سورة جو ڪهڙو نمبر آهي؟

ج : ٤٠ نمبر

س : هن سورة ۾ ڪل ڪيترا حرف آهن؟

ج : ٨٧٠ حرف

س : هي سورة ڪڏهن نازل ٿي؟

ج : مڪي زندگي جي وچين دور ۾.

س : ٻڌايو ته سورة جن پهرين نازل ٿي هئي يا سورة قلم؟

ج : سورة قلم

س : هن سورة کان پهرين ڪهڙيون سورتون آهن جن جا نالا



Scanned with CamScanner

ٻن حرفن تي مشتمل آهن ؟

ج : سورة صف - سورة حج

س: هي سورة ڪهڙي حرف تي ختم ٿئي ٿي ؟

ج : حرف " الف " تي

## سورة مزمل

س : ٻڌايو ته لفظ "مزمل" جي لفظي معنيٰ ڇا آهي ؟

ج : ڪپڙي ۾ ويڙهيل .

س : هن سورة جو نالو ڪهڙي آيت مان ورتل آهي ؟

ج : پهرين ئي آيت جي فقري يَاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ مان

س : هي نالو علامتي آهي يا موضوعاتي .

ج : علاماتي .

س : هي سُورة ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

